سال (18) آچر 08 نومبر 2026ع 27 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (48)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 08 نومبر 2026ع 27 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (85)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Sunday 8th November 2026

سرڪاري ملازمن جي سيناريٽي پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارش نه پر مقرري جي تاريخ سان طئي ٿيندي؛ سپريم ڪورٽ

چيف جسٽس يحيٰي آفريدي ۽ جسٽس شڪيل احمد تي ٻڌل سپريم ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ فيصلو ڏنو، رڳو ڪميشن پاران اڳواٽ سفارش ڪرڻ سان سيناريٽي جو حق حاصل نٿو ٿئي: ريمارڪس

خيبرپختونخواهه ۾ صوبائي مئنيجمينٽ سروس (پي ايم ايس) آفيسرن جي سيناريٽي پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارش جي تاريخ بدران مسلسل باقاعده مقرري جي تاريخ سان طئي ڪئي ويندي

درخواستگذارن سروس ٽربيونل ۾ عمومي طور تي بنيادي ۽ سمري ۾ ديرجو الزام لڳايو هو پر پي ايس او خلاف رڳو مداخلت يا مقرري ۾ دير جو ذميوار هجڻ جو الزام باقاعده طور تي لاڳو نه ڪيو هو

سپريم ڪورٽ ۾ پيروي ڪندڙ مخصوص آفيسر خلاف نئون حقيقتن تي ٻڌل الزام پيش نٿو ڪري سگهجي، جنهن لاءِ باقاعده ثبوت ۽ حقيقتن جي جاچ جي ضرورت هوندي آهي

مقرري ۾ انتظامي مداخلت ثابت ٿئي ها ته هن دير جا سيناريٽي تي اثرن جو جائزو وٺي سگهجي ها پر موجوده ڪيس ۾ اهڙو ڪو به ثبوت پيش نه ڪيو ويو: سپريم ڪورٽ جا جاري ڪيل فيصلي ۾ ريمارڪس

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ فيصلو ڏنو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ صوبائي مئنيجمينٽ سروس (پي ايم ايس) آفيسرن جي سيناريٽي پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارش جي تاريخ بدران مسلسل باقاعده مقرري جي تاريخ سان طئي ڪئي ويندي رڳو ڪميشن پاران اڳواٽ سفارش ڪرڻ سان سيناريٽي جو حق حاصل نٿو ٿئي چيف جسٽس يحيٰي آفريدي ۽
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسٽيفن ملر وائيٽ هائوس جو نئون چيف آف اسٽاف مقرر

تبديلي وچ مدي وارين چونڊن ۾ ريپبلڪن پارٽي کي شڪست بعد سامهون آئي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته اسٽيفن ملر 9 نومبر تي وائيٽ هائوس جي نئين چيف آف
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن جي امن مشنز کي بجيٽ ۽ ڪٽوتين بدران سڌارن ذريعي مضبوط بڻايو وڃي؛ پاڪستان

گڏيل قومن جو امن مشنز عالمي امن ۽ سلامتي برقرار رکڻ جو ضروري، موثر ۽ گهٽ لاڳت وارو ذريعو آهي

پاڪستان گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ ڊگهي عرصي کان اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ ميزبان به آهي

امن مشنز جي ڪارڪردگي ۽ خرچن ۾ بچت جي قدمن سان ان جي صلاحيتن کي مضبوط هئڻ گهرجي: حيدر شاهه

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي امن مشنز کي درپيش سياسي، انتظامي ۽ مالي دٻاءَ جي تناظر ۾ واضح ڪيو آهي ته عالمي امن ۽ سلامتي جي ان اهم ۽ گهٽ لاڳت واري موثر نظام کي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2


وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌري سان سوڊان جي گهرو وزير ليفٽيننٽ جنرل بابڪر سمره مصطفيٰ علي ملاقات ڪندي

ڏياري اونداهي مٿان روشني ۽ نااميدي مٿان اميد جي فتح جو ڏڻ آهي؛ آصفه ڀٽو

هندو برادري جو ورثو سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان جي قومي زندگيءَ جو اڻٽٽ حصو آهي

منهنجي دعا آهي ته ڏياري جون روشنيون هر گهر لاءِ امن، خوشي ۽ خوشحالي جو پيغام کڻي اچن

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري ڏياريءَ جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ هندو برادري کي دلي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته هندو برادري جو ورثو
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ٽينٽ پيگنگ پاڪستان جي روايتي راند ۽ ثقافتي سڃاڻپ آهي؛ عطاءُ الله تارڙ

عورت نيزه بازن جي مهارت عالمي سطح تي مثبت پيغام آهي: وفاقي وزير اطلاعات

وزيراعظم جو ڏنل ان ڳالهه تي آهي ته ملڪ ۾ اهڙن پروگرامن کي منعقد ڪرڻ کي وڌايو وڃي

اهڙين سرگرمين کي همٿ ڏيڻ ۽ فنڪارن جي سرپرستي ڪرڻ سان پاڪستان ترقي ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف جي ويزن ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪوشش سان پاڪستان سفارتي ۽ معاشي محاذ تي نئين
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان چيني سيڙپڪارن جي وفد جي ملاقات

چيني سيڙپڪار اڪنامڪ زونز مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا: گورنر

ملاقات دوران پيپلز پارٽي جو صوبائي اسيمبلي جي ميمبر ارباب زرڪ به موجود هو

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سان چيني سيڙپڪارن جي هڪ وفد گورنر هائوس پشاور ۾ ملاقات ڪئي. خيبر پختونخوا جي گورنر جي پريس سيڪريٽري جي آفيس
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ مسلمانن خلاف ڏاڍ؛ آسام ۾ وڌيڪ 750 خاندان بي دخل

مودي حڪومت ڌوبري ۾ مسلمانن خلاف ظلم جون سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون

مسلمانن جي گهرن ۽ عبادت گاهن کي تباهه ڪرڻ لاءِ 60 کان وڌيڪ بلڊوزر ۽ پوليس نفري مقرر

نئين دهلي (اي پي پي) بي جي پي جي اقتدار هيٺ ڀارتي حڪومت آسام رياست جي ضلعي ڌوبري ۾ مسلمانن خلاف ظلم جون سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون ڪشمير ميڊيا سروسز مطابق ڀارتي ميڊيا
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي حضرت داتا گنج بخش جي مزار تي حاضري

نائب وزيراعظم کي زائرين جي سهولت، اچ وڃ منظم بڻائڻ ۽ مزار جي سيڪيورٽي بابت بريفنگ

لاهور (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڇنڇر تي عظيم صوفي بزرگ حضرت داتا گنج
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2


لاهور: پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار صوفي بزرگ حضرت داتا گنج بخش جي مزار تي حاضري ڀري رهيو آهي

سوئي ناردرن گئس پائيپ لائينز لميٽيڊ جي ٽيڪس کان اڳ منافعي ۾ گذريل مالي سال دوران 42 سيڪڙو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) سوئي ناردرن گئس پائيپ لائينز لميٽيڊ جي ٽيڪس کان اڳ منافعي ۾ گذريل مالي سال دوران 42 سيڪڙو جو اضافو ٿيو ۽ ان دوران ڪمپني کي 34.656 ارب رپين جو ٽيڪس کان اڳ منافعو حاصل ٿيو آهي ڪمپني ماليياتي انگن اکرن مطابق مالي سال 25-2024ع دوران ايس اين جي پي ايل کي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهندي

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهندي، جڏهن ته اترين علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت ۾ موسم ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ هوائون هلي رهيون
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ايف آءِ اي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل راولپنڊي جي ڪارروائي، پوليند ورڪ ويزا فراڊ ۾ ملوث جوابدار گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) ايف آءِ اي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل راولپنڊي ڪارروائي ڪندي پوليند ورڪ ويزا فراڊ ۾ ملوث جوابدار وجاهت حيدر کي گرفتار ڪري ورتو. ڇنڇر ڏينهن فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) اسلام آباد زون طرفان جاري بيان مطابق جوابدار تي مبينه طور تي پوليند جو ورڪ ويزا ڏيارڻ جي بهاني شهري کان 12 لک 2 هزار رپيا وصول ڪرڻ ۽ فراڊ ڪرڻ جو الزام آهي جوابدار کان 1 لک 15 هزار رپين جي جزوي ريڪوري ڪري ورتي آهي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ٿرپارڪر کي ڏڪار سٽيل قرار ڏئي ڇڏيو، ضلعي ۾ 90 سيڪڙو فصل تباهه ٿي ويا آهن؛ وڏو وزير

ضلعي جي ست ئي تعلقن ۾ غير مساوي برساتن سبب پوکيل فصلن جو 85 کان 90 سيڪڙو حصو تباهه يا بيڪار ٿي ويو آهي، رڳو 10 کان 15 سيڪڙو فصل بچي سگهيا آهن

وزيراعليٰ هائوس ۾ اجلاس دوران فصلن جي وڏي پيماني تي تباهي ۽ ٿرواسين جي معاشي ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي ٿر کي ڏڪار متاثر قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

پاڻيءَ جي کوٽ سبب پريشان ٿرواسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ سمورن غيرفعال آر او پلانٽس جي هنگامي بنيادن تي مرمت ۽ بحاليءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي

نئون ڪرٽ کان مٺي تائين پيئڻ جي پاڻيءَ جي خاص لائين وڇائڻ جو جائزو ورتو ويو، فني تورڙي انتظامي گهرجون ترجيحي بنيادن تي پوريون ڪرڻ جي هدايت

مارويئڙن جي روزگار جو وڏو سهارو بڻيل چوپائي مال کي بک ۽ اڃ کان بچائڻ لاءِ چاري جا هنگامي انتظام ڪرڻ ۽ لمدادي سرگرمين لاءِ سمورن لاڳاپيل کاتن وچ ۾ اثرائتو رابطو ڪرڻ جو حڪم

ڏڪار متاثر ڪنهن به ڳوٺ ۽ برادريءَ کي اڪيلو نه ڇڏيو وڃي، پاڻي، ضروري شين ۽ امداد جي فراهميءَ کي يقيني بڻايو وڃي، صوبائي حڪومت ٿر جي ماڻهن سان گڏ بيٺل آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽ:مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه موجوده ڏڪار واري صورتحال ۽ فصلن جي سخت نقصانن جو تفصيلي جائزو وٺڻ ڪابينه ٿرپارڪر کي ڏڪار متاثر ضلعو قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي هن لاڳاپيل کاتن کي فوري طور تي امدادي ڪم شروع ڪرڻ ۽ متاثر آباديءَ لاءِ پيئڻ جي پاڻي ۽ ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: منظور ٿيل ايل پي جي نيلامي ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

جمهوريه ڪانگو ۾ تشدد سبب 30 شهري مارجي ويا

گهرن کي باهه ڏئي ساڙيو ۽ هڪ طبي مرڪز کي تباهه ڪيو ويو

ويا کي منهن ڏيندڙ ٽيمن کي علائقي ۾ پنهنجون سرگرميون معطل ڪرڻيون پيون

گڏيل قومون (اي پي پي) جمهوريه ڪانگو جي اوڀر ۾ تشدد جي واقعن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 30 شهري مارجي ويا جڏهن ته گهرن
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جون پاڪستان ۾ رهندڙ هندو برادري کي ڏياريءَ جون مبارڪون

پاڪستان جي هندو برادري اسان جي قومي سڃاڻپ جو هڪ اهم حصو آهي: وزيراعظم

ملڪ جو آئين اقليتن جي مذهبي ۽ شهري حقن جي تحفظ جي خاطري ڪرائي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سڄي دنيا خاص ڪري پاڪستان ۾ رهندڙ هندو برادري کي ڏياريءَ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

قانون کاتي جي ملازمن کي طبي سهولتن لاءِ ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري ۾ معاهدو ٿي ويو

معاهدي تحت کاتي جي آفيسرن، ملازمن ۽ سندن ڪفالت هيٺ گهر ڀاتين کي خاص رعايتون ملنديون

سهڪار تحت طبي ڪئمپون، صحت آگاهي پروگرام ۽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ تدبر پڻ ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو قانون پارليامانِي معاملن ۽ ڪرمنل پراسيڪيوشن واري وزير ضياءَ الحسن لنجار
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

چيف سيڪريٽري پاران بس اڏن، ريلوي اسٽيشنن ۽ بين ٽرانزٽ پوائنٽس تي ٽيمون مقرر ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه هدايت ڪئي آهي ته صوبي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليو کان بچاءَ جي ويڪسين جا انتظام وڌيڪ سخت ڪيا وڃن ۽ بس اڏن، ريلوي اسٽيشنن تورڙي بين ٽرانزٽ پوائنٽس تي پوليو ٽيمون مقرر ڪيون وڃن. جيئن
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت آصف زرداري جون هندو برادري کي ڏياري جون واڌايون

مذهبي اقليتن جي حقن جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: صدر

يقيني بڻائڻ ٿا ته هر شهري آزاداڻي طور تي پنهنجي مذهب تي عمل ڪري سگهي

هندو برادري جا خاندان ڏيئا ٻاري جشن ملهائيندا ته منهنجون نيڪ خواهشون گڏ

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ڏياريءَ جي مبارڪ موقعي تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا جي هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ هڪ هفتي دوران 110 ملين ڊالر جو رڪارڊ اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي پرڏيهي ناڻي جي مجموعي ذخيرن ۾ هڪ هفتي دوران 110 ملين ڊالر جو اضافو ٿيو آهي جنهن کان پوءِ ملڪ جي پرڏيهي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

نيپرا بجلي مهانگي ڪري ڇڏي، نوان اڳهه ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو

سيپٽمبر 2026ع جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 رپيا 37 پيسا في يونٽ مهانگي

نوان اڳهه نومبر جي بلن ۾ لاڳو ٿيندا، ماهوار ايڊجسٽمينٽ ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن تي به لاڳو هوندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) سيپٽمبر 2026ع جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 رپيا 37 پيسا في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي آهي نيپرا بجلي مهانگي ڪرڻ جو باضابطا نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن موجب بجلي جي اڳهن ۾ واڌ سيپٽمبر 2026ع جي ماهوار فيول پرائس
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڊمپر جي ٽڪر سبب شاهين فورس جا ٻه اهلڪار زخمي ٿيڻ جو گهرو وزير نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار احسن آباد ۾ ڊمپر جي ٽڪر سبب شاهين فورس جي ٻن پوليس اهلڪارن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ايسٽ کان واقعي جا تفصيل ۽ زخمي اهلڪارن جي طبي صورتحال بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي جڏهن ته زخمي اهلڪارن کي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بيراگوئي جو اڳوڻو صدر سينٽيا گوپينا بئنڪ جي مالي بي ضابطگين جي ڪيس ۾ گرفتار

بيونس آئرس (اي پي پي) پيرا گوئي جي اڳوڻي صدر سينٽيا گوپينا کي يونو بئنڪ جي مالياتي اسڪينڊل جي سلسلي ۾ پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن جي نتيجي ۾ بئنڪ جي اٽڪل 30 لک صارفين جا اڪائونٽس منجمد ڪيا ويا هئا. پرڏيهي ميڊيا مطابق استغاثه پاران جاري ڪيل وارنٽ تي ڪارروائي ڪندي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

آمريڪي منصوبي تحت مهرڳڙهه عجائب گهر جي بحاليءَ جو ڪم مڪمل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر بلوچستان جي پارليامانِي سيڪريٽري نوابزاده مير محمد زرين خان مگسي ۽ سنڌ ايڪسپلوريشن ۽ ايڊوينچر سوسائٽي (سيز) جي قيادت سان
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



ڪوئيٽا: آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر ۽ نوابزاده زرين مگسيءَ مهرڳڙهه عجائب گهر جي يادگاري تختيءَ جي رونمائي ڪندي





سال (18) آچر 08 نومبر 2026ع 27 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (48)
Daily Ibrat Karachi

[redacted]

جي هدايت ڪئي چنجر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير ٿرپارڪر جي سڀني ستن ئي تعلقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال بڻيل هجڻ بابت هڪ تفصيلي بريفنگ جو جائزو ورتو. اجلاس ۾ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ملاڻي، ايم پي ايز دوست محمد راهيمون، قاسم سومرو، فقير شير محمد بلالاڻي ۽ ارباب لطف الله، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو خالد حيدر شاهه، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، ڪمشنر ميرپورخاص شاهمير ڀٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ٿرپارڪر جا سڀئي ست ئي تعلقا ڏڪار جهڙي صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن جنهن ۾ پوکيل فصلن جو لڳ ڀڳ 85 کان 90 سيڪڙو يا ته تباهه ٿي چڪو آهي يا وري بيڪار ٿي ويو آهي. زراعت جي توسيع واري کاتي فصلن جي نقصان جو اندازو لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو لڳايو آهي جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن جي فيلڊ رپورٽن ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته صرف 10 کان 15 سيڪڙو فصل ئي بچي سگهيا آهن. وڏي وزير ٿرپارڪر جي ماڻهن جي زراعت، چوپائي مال ۽ روزگار تي گهٽ ۽ غير مساوي برساتن جي اثرن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو. هن چيو ته صورتحال ۾ فوري سرڪاري مداخلت جي ضرورت آهي، خاص طور تي چوپائي مال کي بچائڻ لاءِ جيڪو هن ريگستاني ضلعي جي ماڻهن جي آمدني ۽ روزگار جو هڪ وڏو ذريعو آهي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه کي فوري ڪارروائي جي هدايت ڪندي مراد علي شاهه حڪم ڏنو ته سڀني غير فعال آر او پلانٽس جي ترجيحي بنيادن تي مرمت ۽ بحالي ڪئي وڃي. هن اختيارين کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته پاڻي جي فراهمي جي موجوده ذريعن ۾ موجود خرابين جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ مقامي برادرين لاءِ پيئڻ جي پاڻي تائين بنا روڪ جي پهچ کي يقيني بڻائڻ لاءِ انهن کي مڪمل طور تي فعال ڪيو وڃي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ننگر پارڪر، کوٽ کان مٺي تائين پاڻي جي سڀني ضروري فني ۽ انتظامي گهرجن کي ترجيحي بنيادن تي پرکيو وڃي ته جيئن علائقي ۾ پاڻي جي کوٽ جو هڪ طويل المدت حل ڳولي سگهجي. وڏي وزير چاري جي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۽ چوپائي مال کي ڏڪار جي خراب اثرن کان بچائڻ لاءِ هنگامي انتظام ڪرڻ تي به زور ڏنو. هن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجن ڪوششن ۾ تال ميل پيدا ڪن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته امدادي قدم بغير ڪنهن دير جي متاثر علائقن تائين پهچن. بريفنگ ۾ ان ڳالهه کي نمايان ڪيو ويو ته سال 2026ع جي چؤماسي جي موسم دوران برساتون غير مساوي طور تي ٿيون هيون. جيتوڻيڪ ستن ئي تعلقن ۾ موسمي برسات جو ڪل مقدار 181 کان 273 ملي ميٽر جي وچ ۾ رهيو پر سيپٽمبر جي برسات خاص طور تي تمام گهٽ هئي جيڪا صرف 1 کان 36 ملي ميٽر تائين هئي. نتيجي طور فصل ۽ قدرتي گاهه پچڻ کان اڳ ئي سڪي ويا. وڏي وزير ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سنڌ حڪومت هن ڏکئي وقت ۾ ٿرپارڪر جي ماڻهن سان گڏ مضبوطيءَ سان بيٺي رهندي. هن انتظاميا کي هدايت ڪئي ته اها هوشيار رهي، صورتحال جي ويجهڙائي سان نگراني ڪري، ۽ پڪ ڪري ته ڪا به متاثر برادري ضروري سهڪار کان محروم نه رهي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته حڪومت ڏڪار جي اثرن کي گهٽائڻ، چوپائي مال جو تحفظ ڪرڻ، پاڻي جي سهولتن کي بحال ڪرڻ ۽ ٿرپارڪر جي ماڻهن کي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ هر ضروري قدم کڻڻ لاءِ مڪمل طور پرعزم آهي.

[redacted]

هندو برادري قومي زندگي جو لازمي حصو آهي، مذهبي اقليتن جي حقن جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن اها ڳالهه ديوالي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي، جيڪو 8 نومبر تي ملهايو پيو وڃي. صدر چيو ته ديوالي روشنين جو ڏڻ آهي جيڪو برائي تي نيڪي، اونداهه تي روشني ۽ مايوسي تي اميد جي فتح جي علامت طور ملهايو ويندو آهي. ان جو همدردي ۽ تجديد جو پيغام اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اسان مان هر هڪ پيار، سمجهه، همدردي ۽ خيال ذريعي ٻين جي زندگين ۾ روشني آڻي سگهي ٿو. هن چيو ته پاڪستان جي هندو برادري اسان جي قومي زندگي جو هڪ لازمي حصو آهي. پاڪستان جي هندو برادري تعليم، صحت، ڪاروبار، عوامي خدمت، سماجي ڀلائي، فن ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. صدر مملڪت انهن جي خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪندي ان عزم کي ورجايو ته پاڪستان تي ان جي سڀني شهرين جو هڪجهڙو حق آهي. صدر مملڪت چيو ته قائداعظم محمد علي جناح اهڙي پاڪستان جو تصور پيش ڪيو هو جتي مذهب، ذات پات يا عقيدو برابر شهريت ۽ برابر حقن جي راهه ۾ رڪاوٽ نه هجي. اسان کي ان تصور جي پاسداري ڪندي يقيني بڻائڻو پوندو ته هر شهري آزاداڻي طور تي پنهنجي مذهب تي عمل ڪري سگهي، باوقار زندگي گذاري سگهي ۽ ان کي قانون تحت برابر تحفظ حاصل هجي. صدر مملڪت چيو ته سندس خيال ۾ قائداعظم جو برابر شهري هجڻ جو واعدو هڪ مقدس قومي عهد آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي روايت، جنهن کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو اڳتي وڌايو، پڻ بنا ڪنهن خوف يا رعايت جي هن واعدي جي تحفظ جو مطالبو ڪري ٿي. ڪنهن به پاڪستاني کي پنهنجي مذهب جي بنياد تي پنهنجي وطن سان پنهنجي وابستگي ثابت ڪرڻ جي ضرورت نه هجڻ گهرجي. هي ملڪ انهن جو گهر آهي، جتي آزاديون سندن حق ۽ انهن جو مستقبل سنوارڻ جو اختيار آهي. صدر آصف علي زرداري چيو ته ديوالي پاڪستانين جي وچ ۾ گڏيل اتحاد جي رشتن کي مضبوط بڻائڻ جو موقعو آهي. هڪٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿي، مشڪلاتن ۾ ساٿ ڏئي ۽ تعصب ۽ امتياز کي رد ڪري اسان وڌيڪ انصاف پسند ۽ همدرد معاشرو ٺاهي سگهون ٿا. اسان جو تنوع اسان جي ڪمزوري ناهي پر عظيم طاقت آهي. اسان سڀني تي واضح هجڻ گهرجي ته مذهبي اقليتن جي حقن جو تحفظ اسان جي گڏيل ذميواري آهي. صدر چيو ته جڏهن خاندان گڏ ٿي دعا ڪن ۽ ڏيئا ٻاري جشن ملهائيندا ته منهنجون نيڪ خواهشون انهن سڀني ڏڻ ملهائيندڙن سان گڏ هونديون. هن دعا ڪئي ته ديوالي جون روشنيون گهرن ۾ خوشيون، مشڪلاتن کي منهن ڏيندڙ ماڻهن لاءِ سڪون ۽ ايندڙ سال لاءِ نئين اميد کڻي اچي.

[redacted]

ناڻي جا ذخيرا 26.846 بلين ڊالرن جي سطح تي پهچي ويا آهن. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان مطابق گذريل هفتي دوران پرڏيهي مٽاسٽا ناڻي جا مجموعي ذخيرا 26.754 بلين ڊالر هئا جن ۾ هڪ هفتي دوران 11 ڪروڙ ڊالر جو اضافو ٿيو. اسٽيٽ بئنڪ جي پنهنجي ذخيرن ۾ 3 ڪروڙ 90 لک ڊالر جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته ڪمرشل بئنڪن جي پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن ۾ پڻ بهتري آئي. اسٽيٽ بئنڪ مطابق فيبروري 2026ع ۾ اولهه ايشيا ۾ تڪرار شروع ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان جي پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن ۾ 5 ارب ڊالر جو اضافو ٿيو آهي. مرڪزي بئنڪ جا پنهنجا ذخيرا فيبروري ۾ 16.568 بلين ڊالر هئا جيڪي 30 آڪٽوبر تائين وڌي 21.568 بلين ڊالر ٿي ويا. اسٽيٽ بئنڪ مطابق پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن ۾ بهتري سان روپئي جي قدر کي مستحڪم ڪرڻ ۾ مدد ملي آهي جڏهن ته واپار ۽ واپار ڪندڙن کي به پنهنجي آمدني کي بروقت پاڪستان منتقل ڪرڻ جي حوالي سان اعتماد حاصل ٿيو آهي. تنهن هوندي به ملڪ اڃا تائين واپاري خساري کي درپيش آهي. مالياتي تجزيڪارن مطابق پاڪستاني روپئي جي استحڪام ۽ پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي دستيابي ۾ بهتري جي وڏي سبب ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين پاران موڪليل رقمن ۾ اضافو شامل آهي.

[redacted]

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) سيپٽمبر 2026ع جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 روپيا 37 پيسا ... سيپٽمبر 2026ع جي ماهوار فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪٽي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب، نوان اگهه نومبر جي بلن ۾ لاڳو ٿيندا. جڏهن ته ماهوار ايڊجسٽمينٽ ڪي اليڪٽرڪ جي واهپيدارن تي به لاڳو هوندي. واضح رهي ته سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) سيپٽمبر جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ تحت بجلي 2 روپيا 56 پيسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي جنهن جي پيٽ ۾ نيپرا 2 روپيا 37 پيسا في يونٽ واڌ جي منظوري ڏني آهي.

[redacted]

ڳاڄي مهرڳڙهه عجائب گهر بلوچستان لاءِ آمريڪن ايمبيسيڊرز فنڊ فار ڪلچرل پرزرويشن (اي ايف سي پي) پروجيڪٽ جي ڪامياب تڪميل تي منعقد ڪيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي. هي رٿا بلوچستان ۾ (اي ايف سي پي) تحت شروع ڪيل پهريون قدم آهي. (سيز) ۽ ثقافت کاتي بلوچستان جي سهڪار سان مڪمل ڪيل هن منصوبي تحت قديم نيولٿڪ (پٿر جي دور) ۽ تاريخي مهرڳڙهه تهذيب جي آثارن کي محفوظ ڪيو ويو، عجائب گهر جي ڪيوريشن کي بين الاقوامي معيارن موجب جديد بڻايو ويو، عوامي آگاهيءَ ۾ وسعت لاءِ جوڳا انتظام ڪيا ويا، ۽ آثارن جي ڊگهي عرصي تائين سنڀال کي يقيني بڻائڻ لاءِ مقامي ثقافتي ماهرن کي تربيت ڏني وئي. هن منصوبي جي پڄاڻيءَ سان گڏوگڏ (اي ايف سي پي) جو دائرو هاڻي پاڪستان جي چئن ئي صوبن تائين پکڙجي چڪو آهي جيڪو پاڪستان جي عظيم الشان ثقافتي ورثي جي تحفظ لاءِ آمريڪا جي دائمي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو. تقريب کي خطاب ڪندي آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر جتا دار نتيجن جي حاصلات ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ ڳنڍيل اعتماد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آمريڪي مهارت جي ڪليدي ڪردار تي زور ڏنو. آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر چيو: "اڄ اسان کي ان ڳالهه تي نهايت خوشي آهي ته عجائب گهرن ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ ۾ اعليٰ آمريڪي مهارت جي بدولت، مهرڳڙهه عجائب گهر بلوچستان ۸۰۰۰ سال قديم مهرڳڙهه تهذيب ۽ ٻين تاريخي دورن کي شاندار انداز ۾ اجاگر ڪندو. هن قسم جا منصوبا ان حقيقت جو ثبوت آهن ته آمريڪي مهارت جتاءُ دار ۽ واضح نتيجا ڏئي ٿي—جيڪي نه صرف تاريخ کي محفوظ بڻائين ٿا پر روزگار جا موقعا پيدا ڪري مقامي برادرين کي پڻ بااختيار بڻائين ٿا. آمريڪا ۽ پاڪستان گڏيل تعاون سان هن عظيم الشان ورثي جي سنڀال ۾ حقيقي اڳڀرائي ڪري رهيا آهن." تقريب دوران آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر، پارلياماني سيڪريٽري نوابزاده زرين مگسي ۽ پروجيڪٽ جي سربراهن ڊاڪٽر اسماءِ ابراهيم ۽ ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاريءَ هڪ يادگاري تختيءَ جي رونمائي ڪئي، جيڪا هلندڙ مهيني ڪوئيٽا ۾ مهرڳڙهه عجائب گهر جي باضابطه ٻيهر افتتاح کان اڳ ميوزيم جي مکيه دروازي تي لڳائي ويندي.

[redacted]

فوري ۽ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن. سنڌ جي گهرو وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي سمورن پاسن جو جائزو وٺي ضروري قدم کنيا وڃن. هن چيو ته پوليس اهلڪار عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پنهنجا فرض سرانجام ڏين ٿا، تنهن ڪري سندن حفاظت پڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. ٻئي طرف ايس ايس پي ايسٽ موجب، حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻئي پوليس اهلڪار شاهين فورس سهراب ڳوٺ ۾ مقرر هئا جن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته حادثي ۾ ملوث ڊمپر ڊرائيور پوليس جي حراست ۾ آهي.

[redacted]

اڳوڻي صدر کي حراست ۾ ورتو ويو. استغاثه سينٽيا ڪو پينا خلاف اعتماد کي نقصان پهچائڻ جي الزام ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ ڪيس يونو بئنڪ ذريعي رقم جي گهوٻين ۾ مبينه طور تي ملوث هجڻ جي شڪ ۾ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. رپورٽ مطابق ان کان اڳ اڳوڻي صدر کي مواخذي جي ڪارروائي ذريعي عهدي تان هٽايو ويو هو. سندس مخالفن يونو بئنڪ سان مبينه لاڳاپن کي مفادن جي ٽڪراءُ جو بنياد قرار ڏنو هو. وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته 3 نومبر تي سرڪاري بئنڪ يونو بئنڪ جو انتظام پنهنجي ڪنٽرول ۾ وٺندي ان جا اڪائونٽس منجمد ڪري ڇڏيا هئا. واضح رهي ته پيراگوئي جي مجموعي آبادي اٽڪل 70 لک آهي.

[redacted]

خان جي جنازي نماز 11 وڳي سندس اباڻي علائقي ڪسگم ۾ ادا ڪئي ويندي. هو ڪشمير ڪائونسل جي اڳوڻي ميمبر راجه علي ذوالقرنين جو والد آهي. تازي اليڪشن ۾ هو مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿيو هو.

[redacted]

کي باهه ڏئي ساڙيو ۽ هڪ طبي مرڪز کي تباهه ڪيو ويو جنهن سبب ايبولا جي وبا تي ضابطو آڻڻ جون ڪوششون به متاثر ٿيون آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن جي انساني معاملن جي رابطه آفيس ٻڌايو ته اٽر ڪيو جي علائقي بيني ۾ واقع ڪانٽيني- آلويا واري هنڌ ٿيل حملن ۾ مارجي ويلن ماڻهن ۾ ڪيترائي مريض به شامل آهن. مقامي ذريعن مطابق تشدد سبب ايبولا سبب متاثر مريضن سان رابطي ۾ رهندڙ ماڻهو مبينا طور تي نگراني جي مرڪز مان فرار ٿي ويا جڏهن ته وبا کي منهن ڏيندڙ ٽيمن کي علائقي ۾ پنهنجون سرگرميون معطل ڪرڻيون پيون. اوچا مطابق انهن حالتن ۾ امڪاني متاثر ماڻهن جو پتو لڳائڻ ۽ وبا جي ڦهلاءَ کي روڪڻ جون ڪوششون وڌيڪ ڏکيون ٿي ويون آهن. اوچا سمورين ڌرين تي زور ڀريو ته هو شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائين، عالمي انساني قانونن جو احترام ڪن ۽ امدادي ۽ طبي ڪارڪنن کي محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ پهچ فراهم ڪن.

[redacted]

جون مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي هندو برادري اسان جي قومي سڃاڻپ جو هڪ قيمتي حصو آهي، ملڪ جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي ترقي ۾ هندو برادري جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. پاڪستان جو آئين اقليتن جي مذهبي ۽ شهري حقن جي تحفظ جي خاطري ڪرائي ٿو. حڪومت بنا فرق جي مذهب، عقيدي ۽ رنگ يا نسل سڀني شهرين جي حقن، وقار ۽ مذهبي آزادين جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف هندوئن جي مذهبي ڏڻ ديوالي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته مان اڄ هندوئن جي مذهبي ڏڻ ديوالي جي پُرمسرت موقعي تي سڄي دنيا خاص طور تي پاڪستان ۾ رهندڙ هندو برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪون ۽ نيڪ خواهشون جو اظهار ڪريان ٿو. هي ڏڻ 8 نومبر 2026ع تي ملهايو پيو وڃي. وزيراعظم چيو ته هي ڏڻ اسان کي نفرت، عدم برداشت ۽ مايوسي جي اونداهي تي روشني جي فتح جي ياد ڏياري ٿو. روشنين جي هن ڏڻ جو خوشگوار پيغام حقيقت ۾ انساني ۽ سماجي ڪردارن ۾ پرامن گڏيل بقاءَ کي هٿي ڏيڻ آهي. وزيراعظم چيو ته روشن، خوشحال ۽ اميد افزا مستقبل تي يقين ديوالي جي خوش آئنده خصوصيت آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي هندو برادري اسان جي قومي سڃاڻپ جو هڪ قيمتي حصو آهي. ملڪ جي سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي ترقي ۾ هندو برادري جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. وزيراعظم چيو ته معاشري ۾ مختلف ثقافتي ۽ مذهبي روايتون هڪ قيمتي سماجي اثاثو آهن. پاڪستان پنهنجي مذهبي ۽ ثقافتي تنوع تي فخر ڪري ٿو. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جو آئين اقليتن جي مذهبي ۽ شهري حقن جي تحفظ جي خاطري ڪرائي ٿو. حڪومت بنا فرق جي مذهب، عقيدي، رنگ ۽ نسل جي سڀني شهرين جي حقن، وقار ۽ مذهبي آزادين جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. وزيراعظم چيو ته مذهبي هم آهنگي، گڏيل اتحاد ۽ احترام کي هٿي ڏيڻ اسان جي گڏيل ذميواري آهي. پرامن، جامع ۽ خوشحال قوم جي تعمير اسان جو گڏيل عزم آهي. وزيراعظم چيو ته مختلف تهذيبن ۽ ثقافتن جو امين ۽ پرامن گڏيل بقاءَ تي ڪاربند معاشرو ئي هر شهري کي برابر تعليمي ۽ معاشي موقعن جي فراهمي جو ضامن آهي. وزيراعظم چيو ته اچو ته هن خاص موقعي تي بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ، ٻڌي ۽ ڀائيچاري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ امن، رواداري ۽ گڏيل سمجهه تي ٻڌل روشن مستقبل لاءِ پنهنجي گڏيل ڪوشش جي تجديد ڪريون. وزيراعظم چيو ته اميد آهي ته ديوالي ملهائيندڙ سموري پاڪستاني هندو برادري هن ڏڻ جي رنگين ۽ متحرڪ روايتن سان ڀرپور انداز ۾ لطف اندوز ٿيندي ۽ معاشري لاءِ خوشي، خوشحالي ۽ اميد جي روشني تي ٻڌل امن ۽ خيرسگالي جو پيغام ڏيندا. هندو برادري کي ديوالي جي خوشين جون دل جي گهراين سان مبارڪون.

[redacted]

جي هدايتن تي سنڌ جي قانون کاتي ۽ ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت (ايم او يو) تي صحيحون ڪيون ويون آهن، جنهن جو مقصد قانون کاتي جي آفيسرن، ملازمن ۽ سندن ڪفالت هيٺ رهندڙ گهر ڀاتين کي بهتر ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ سيڪريٽري قانون سعيد احمد شيخ ۽ ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر فرحان عيسيٰ عبدالله ايم او يو تي صحيحون ڪيون. معاهدي تحت مستحق ملازمن ۽ سندن گهر ڀاتين کي طبي خدمتن ۽ مختلف تشخيصي ٽيسٽن تي خاص رعايتون فراهم ڪيون وينديون. ان موقعي تي سيڪريٽري قانون سعيد احمد شيخ چيو ته هن معاهدي سان کاتي جي ملازمن ۽ سندن گهر ڀاتين کي معياري طبي سهولتن تائين پهچ ۾ بهتري ايندي، جڏهن ته سرڪاري ۽ خانگي شعبي وچ ۾ ادارتي سهڪار کي پڻ هٿي ملندي. هن چيو ته وزير قانون ۽ پارلياماني معاملن ضياءِ الحسن لنجار جي قيادت ۾ قانون کاتو پنهنجي آفيسرن، ملازمن ۽ سندن ڪٽنبن جي ڀلائي لاءِ پرعزم آهي. ڊاڪٽر فرحان عيسيٰ چيو ته هن سهڪار تحت طبي ڪئمپون، صحت بابت آگاهي پروگرام ۽ ڪارپوريٽ سماجي ذميواريءَ وارا قدم پڻ کنيا ويندا، جڏهن ته صحت بابت جاچ ۽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ احتياطي اپائن کي هٿي ڏيڻ شراڪتداري جو اهم مقصد آهي. تقريب ۾ ايڊيشنل سيڪريٽرين، ڊپٽي سيڪريٽرين، سينيئر لا آفيسرن، ڊائريڪٽر آءِ ٽي ۽ سيڪشن آفيسرن شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڊاڪٽر عيسيٰ ليبارٽري جا ايگزيڪيوٽو برانچ مئنيجر، برانچ مئنيجر ۽ اسسٽنٽ برانچ مئنيجر پڻ موجود هئا.

[redacted]

تي پوليو کان بچاءَ جي ويڪسين جا انتظام وڌيڪ سخت ڪيا وڃن ۽ بس اڏن، ريلوي اسٽيشنن، ٽول پلازا ۽ ٻين ٽرانزٽ پوائنٽس تي پوليو ٽيمون مقرر ڪيون وڃن جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهي. چيف سيڪريٽري سنڌ ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي ته لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ويندڙ خاندانن جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ يقيني بڻايا وڃن. هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر ٽرانزٽ پوائنٽن تي پوليو ٽيمن جي موجودگيءَ جي پاڻ نگراني ڪن ۽ مسافرن جي وڌ اچ وڃ وارن وقتن ۾ ٽيمن جي موجودگي يقيني بڻائين. آصف حيدر شاهه وڌيڪ هدايت ڪئي ته صحت، ٽرانسپورٽ ۽ ريلوي کاتن جا عملدار ٻارن جي ويڪسينيشن لاءِ پاڻ ۾ اثرائتو رابطو قائم ڪن، جڏهن ته عارضي رهائشگاهن ۾ موجود ٻارن تائين به پوليو ٽيمون پهچن. هن چيو ته ويڪسين کان محروم رهجي ويل ٻارن جي فوري نشاندهي ڪري کين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا وڃن جيئن هر ٻار کي پوليو کان محفوظ بڻائي سگهجي. اهڙيون هدايتون چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتن کي جاري ڪيون آهن.

[redacted]

رياست، مستحڪم جمهوريت ۽ محفوظ پاڪستان آهي. پيپلز پارٽي سياسي اختلافن باوجود قومي مفاهمت ۽ جمهوري استحڪام تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو واضح پيغام آهي ته سياسي مسئلن جو حل ڳالهين ۽ جمهوري عمل ۾ آهي. مضبوط رياست، مضبوط جمهوريت، قومي سلامتي ۽ جمهوري مينڊيٽ لازم ۽ ملزوم آهن. هن چيو ته قومي مسئلن جو حل ٽڪراءُ ناهي، سياسي ڳالهيون ۽ قومي اتفاق راءِ آهي. هن چيو ته اڳوڻي حڪومتي دور ۾ دهشتگردن جي آزادي جي فيصلن جا سنگين نتيجا اڄ ملڪ ڀوڳي رهيو آهي. هن چيو ته گورنر راڄ جي معاملي تي پيپلز پارٽي جمهوري روايت ۽ سياسي مفاهمت کي ترجيح ڏني. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ سندس ٽيم پيپلز پارٽي جي مشوري تي ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو. هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن قومي اتفاق راءِ پيدا ٿي وڃي ته گورنر راڄ جي ضرورت باقي نٿي رهي.

[redacted]

ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري ۽ هنگامي قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. وڏي وزير چيو آهي ته ٿرپارڪر جي متاثر عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو. سنڌ حڪومت کين هر ممڪن مدد فراهم ڪندي، پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي، چوپائي مال جو تحفظ ۽ متاثر خاندانن کي رليف ڏيڻ حڪومت جي بهرين ترجيح آهي. وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل بيان موجب وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي ٿرپارڪر ۾ ڏڪار واري صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ضلعي جي سمورن ستن تعلقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي جڏهن ته فصلن جو 85 کان 90 سيڪڙو حصو تباهه يا غيرپيداواري ٿي ويو آهي. زرعي توسيع کاتي جي رپورٽ موجب فصلن کي لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو نقصان پهتو آهي جنهن سبب آبادگارن ۽ هارين کي سخت معاشي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سيپٽمبر 2026ع دوران ٿرپارڪر جي ستن ئي تعلقن ۾ رڳو هڪ کان 36 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ٿي، جڏهن ته برساتن جي غيرمتوازن ورڇ سبب فصلون ۽ قدرتي گاهه پچڻ کان اڳ ئي سڪي ويا، جنهن سان نه رڳو زرعي پيداوار متاثر ٿي آهي پر چوپائي مال لاءِ گاهه ۽ چاري جي کوٽ جا خدشا پڻ پيدا ٿي ويا آهن. وڏي وزير لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته ٿرپارڪر جي عوام کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي، غيرفعال آر او پلانٽن کي فوري مرمت ڪرائي کين ٻيهر فعال ڪيو وڃي جڏهن ته پاڻي جي فراهمي جا سمورا موجود ذريعا پڻ بنا دير بحال ڪيا وڃن. هن چيف سيڪريٽري سنڌ کي هدايت ڪئي ته ننگر ۽ کوٽ کان مٺي تائين پاڻي جي لائين وڇائڻ جي فزيبلٽي جو جائزو ورتو وڃي ۽ ٿرپارڪر کي مستقل بنيادن تي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪئي وڃي. سيد مراد علي شاهه چيف سيڪريٽري کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته ڏڪار سبب متاثر ٿيندڙ چوپائي مال جي تحفظ ۽ مالوند ماڻهن جي مدد لاءِ مناسب تجويزون تيار ڪري پيش ڪيون وڃن، جڏهن ته ڏڪار کان متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرمين جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي ته جيئن متاثر خاندانن تائين بروقت سهولتون ۽ رليف پهچائي سگهجي. وڏي وزير چيو ته ڏڪار سبب پيدا ٿيل صورتحال کي نظر ۾ رکندي حڪومت سمورا ضروري وسيلا ڪتب آڻيندي. متاثر علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي، چوپائي مال کي بچائڻ ۽ ڏکيائين کي منهن ڏيندڙ خاندانن جي مدد لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا ويندا. سنڌ حڪومت ٿرپارڪر جي عوام کي ڏکئي وقت ۾ اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ کين هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو.

[redacted]

موقعي تي زخمين جي وارثن ٻڌايو ته موٽرسائيڪل سوار شهر کان ڳوٺ بخشو سيلرو وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو.

[redacted]

تهوار آهي. هندو برادري کي دل جي گهراين سان ديواري جون واڌايون پيش ڪريان ٿي. ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاڻي. تفصيل موجب پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي اقليتي برادري جي مذهبي حقن، آزادي ۽ تحفظ تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته هندو برادري پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ قومي ٻڌي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ديواري جو تهوار محبت، ڀائيچاري، برداشت ۽ مذهبي هم آهنگي جو خوبصورت پيغام ڏئي ٿو. هن چيو ته هندو برادري جون ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتون ساراهه جوڳيون آهن، انهن جي خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. ڊاڪٽر نفيسه شاهه وڌيڪ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو هميشه اقليتن جي حقن ۽ برابر شهري حيثيت جي حمايت ڪئي. هندو برادري جي محنت، جدوجهد ۽ مختلف شعبن ۾ خدمتون پاڪستان لاءِ فخر جو باعث آهن. ديواري جو پيغام روشني ۽ خوشحالي جو پيغام آهي. دعا آهي ته هي تهوار هر گهر ۾ خوشيون ۽ سک آڻي.

[redacted]

هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي ۽ برطرف ڪيل سمورن پورهيتن کي فوري طور نوڪرين تي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج ۾ وڏي انگ ۾ متاثر پورهيتن شرڪت ڪئي جن ۾ عورت ملازمائون پڻ شامل هيون. مظاهرين جي پلي ڪارڊن تي "200 برطرف ملازمن کي بحال ڪيو" ۽ "ليبر قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٽيڪسٽائل مل جي انتظاميا خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي" جهڙا مطالبا لکيل هئا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيتن چيو ته ٽيڪسٽائل مل جي انتظاميا بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع ۽ جواز جي عورتن سميت 200 کان وڌيڪ ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن سبب ڪيترن ئي پورهيت خاندانن جو گذر سفر ڏکيو بڻجي ويو آهي. مهانگائي، بيروزگاري ۽ وڌندڙ معاشي پريشانين سبب مزدور طبقو سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ وڏي انگ ۾ پورهيتن کي روزگار کان محروم ڪرڻ سان سندن خاندان معاشي بحران جو شڪار ٿي ويا آهن. مظاهرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ليبر کاتي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي برطرف ڪيل 200 کان وڌيڪ پورهيتن کي سندن نوڪرين تي بحال ڪرايو وڃي، جڏهن ته ليبر قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٽيڪسٽائل مل جي انتظاميا خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري پورهيتن کي انصاف ۽ روزگار جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

[redacted]

ميڊيا آڏو اچي بيان ڏيڻ جماعت اسلامي پنهنجو اصل ڪم بڻائي ڇڏيو آهي. ميڊيا تي اچڻ جو ايترو ئي شوق پنهنجي ٽائونز جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ به ڏيکاريو وڃي. ڌرڻي جو اعلان ڪري وري واپس وٺڻ حافظ نعيم الرحمان جي سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. سندس قيادت جماعت اسلامي کي سياسي تاريخ جي بدترين ناڪامين تائين پهچائي ڇڏيو آهي. سعدير جاويد چيو ته حافظ نعيم الرحمان جي قيادت جماعت اسلامي کي ڪجهه ٽائونز تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي ناڪامين جو ملبو پاڪستان پيپلز پارٽي تي اڇلائڻ جماعت اسلامي جو فرار نهي ٿي سگهي. عوام جماعت اسلامي کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪجهه ٽائونز تائين محدود رهڻ ئي هاڻي جماعت اسلامي جي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي. جماعت اسلامي جي انتظام هيٺ هلندڙ ٽائونز ۾ ڪچري جا ڍير ۽ رستن جي خراب حالت سڀني جي سامهون آهي. ٽائونز جا فنڊ فڪس ڊپازٽ ۾ رکڻ ۽ انهن تي منافعو حاصل ڪرڻ وارن الزامن بابت جماعت اسلامي کي پنهنجي چيئرمينن کان جواب وٺڻ گهرجي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته سنڌ حڪومت سمورن مڪاني نمائندن کي فنڊ فراهم ڪري رهي آهي. جماعت اسلامي جي نمائندن کي گهرجي ته هو پنهنجي ڪارڪردگي عوام آڏو پيش ڪن. ڪراچي ۾ شاهراهه ڀٽو، جهانگير روڊ، پيپلز ڪالوني ۽ عظيم پورا فلاءِ اوور جا منصوبا شهر جي ترقي جو ثبوت آهن جڏهن ته نالا خان لنڪ روڊ ۽ چاڪر نالي ايڪسپريس وي جا منصوبا شهر ۾ آمدرفت جي سهولت کي وڌيڪ بهتر بڻائيندا. هن چيو ته ڪراچي جي پارڪن تان قبضا ختم ڪرائي انهن کي گرين ڪراچي ۾ تبديل ڪرڻ جو ڪم سنڌ حڪومت ڪيو آهي. ڪراچي جا شهري رڳو نعرن ۽ دعوائن سان نه پر رستن، پلن ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي سان ڪارڪردگي جو جائزو وٺندا آهن. جماعت اسلامي کي گهرجي ته ٻين تي تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجي انتظام هيٺ ٽائونز ۾ عوامي مسئلا حل ڪرڻ تي ڌيان ڏئي.

[redacted]

وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي خاص هدايتن تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڊفينس جي مختلف ڪيفيز جي چڪاس ڪئي. ان دوران ڪيترين ئي ڪاڌي پيتي جي شين جي مدي خارج هجڻ جو انڪشاف ٿيو جڏهن ته ڪجهه ڪاڌي پيتي جي شين مان جيت به هٿ آيا، جنهن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر سائوٿ جي اڳواڻي ۾ ٽيم لاڳاپيل ڪيفي خلاف ڪارروائي ڪندي ٻن لک روپين جو ڏنڊ لاڳو ڪيو. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ترجمان موجب شهرين کي غير معياري ۽ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪاڌي پيتي جون شيون فراهم ڪندڙ هوٽلن ۽ ڪيفيز خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون جاري رهنديون.

[redacted]

علاج ڪرايو. ان موقعي تي ڪمشنر بهاول پور عرفان علي ڪاٺيا مفت آئي ڪيمپ جو دورو ڪيو ۽ حضرت خواجه محڪم الدين سيراڻي جي مزار تي حاضري ڀري فاتح خواني پڻ ڪئي. پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ڪمشنر بهاول پور عرفان علي ڪاٺيا فلاحي تنظيم جي روح روان جنيد ڪاپڙيا، فيصل ڪاپڙيا، فرحان ڪاپڙيا، آصف بيگا والا جي ڪاوشن کي ساراهيندي کين انساني فلاح ۽ خدمت تي خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو ته ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اکين جو مفت علاج انسانيت جي وڏي خدمت ۽ عظيم نيڪي آهي. ڪمشنر بهاول پور عرفان علي ڪاٺيا فلاحي تنظيم کي پنهنجي مڪمل ساٿ ڏيڻ جي يقين دهاني پڻ ڪرائي.

[redacted]

منگهيجو زخمي ٿي پيا. فوتي جو لاش ۽ زخمين کي علاج لاءِ گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو جتان فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. ٻئي طرف سوڀوديرو پوليس واقعي جي انڪوائري ڪئي پئي وڃي.

[redacted]

واري هنڌ پهچي وئي. ايس ايس پي ايسٽ زبير نواز شيخ ٻڌايو ته شروعاتي جاچ دوران سونارن طرفان پوليس کي بيان ڏنو ويو آهي ته سندن رائيڊر صدر واري علائقي مان ٨٢ تولا سون ۽ ۴ ڪلو چاندي کڻي طارق روڊ تي پنهنجي دڪان ڏانهن اچي رهيو هو ته الله والا چوڪ ويجهو موٽرسائيڪلن تي سوار ڦورو ڪيس روڪي سون ۽ چاندي ڦري فرار ٿي ويا. ايس ايڇ او فيروزآباد انعام ڪلهوڙي موجب طارق روڊ تي موتي والا جيولرز نالي سوناري جا ملازم صدر مان ٿيلهي ۾ سون ۽ چاندي کڻي اچي رهيا هئا ته شارع قائدين جي سروس روڊ تي سندن پيڇو ڪندڙ ڦورن واردات ڪري قيمتي سامان ڦري ورتو. پوليس واقعي واري هنڌ ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان سي سي ٽي وي فوٽيجز حاصل ڪري رهي آهي جن جي مدد سان ڦورن جي سڃاڻپ، فرار ٿيڻ وارن رستن جي نشاندهي ۽ روٽ ميپ تيار ڪيو ويندو، جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

[redacted]

، جي ايم سيد چوڪ کان پيادل مارچ ڪيو ويو. جسقم اڳواڻ ۽ جسقم چيئرمين جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ديدار شاهه جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ جسقم ڪارڪنن ۽ شهرين ريلي ۾ شرڪت ڪئي.

[redacted]

جي امڪاني ورهاڱي واري سازش خلاف ميرپورخاص ۾ سنڌ بار ڪائونسل، هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن طرفان آل سنڌ لائيرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف بارن مان وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

[redacted]

کي غيرقانوني طور پاڪستاني سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪرڻ واري معاملي ۾ اهم ڪارروائي ڪندي نادرا جي اڳوڻي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ضياءِ الحق... قومي سڃاڻپ جا دستاويز غيرقانوني طور جاري ڪرڻ ۽ پرڏيهي شهرين کي پاڪستاني سڃاڻپ فراهم ڪرڻ ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروايون جاري رهنديون.

[redacted]

جي الزام ۾ مختلف ڪارروايون ڪندي پنج سيڪيورٽي گارڊن کي گرفتار ڪري ورتو جن وٽان مختلف قسمن جا پنج هٿيار پڻ هٿ ڪيا.

[redacted]

سينيئر صحافي عبدالخالق عرف ڪيفي گلال پاران ڏنل آجياڻي ۾ راڻي پور ۾ واقع سندس هنڊا شوروم تي پهتا، جتي کين جو استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي آيل مهمانن کي يونين آف جرنلسٽ سوڀوديرو جي صدر قربان منگي ۽ ٻين پاران سرڪاري اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ ۽ ٻين مهمانن کي سنڌي ٽوپي، اجرڪ، لونگي ۽ پوتيون پارايون ويون. ان موقعي تي لالا اسد خان پٺاڻ غير رسمي طور ڳالهائيندي چيو ته صحافين جي حقن خاطر اسان پاڻ پتوڙي رهيا آهيون. يونين جو مقصد هڪ ٿيڻ، پاڻ ۾ متحد ٿي هڪ ٻئي جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ آهي. هن چيو ته هي تنظيم ڪنهن هڪ فرد جي نه پر هر هڪ قلم جي مزدور جي آهي. ڪي حق سچ لکڻ سان ڪنهن کي تڪليف اچي ٿي... جنهن بعد اتان صحافي امير يار شاهاڻي سان سندس والد مرحوم ضمير شاهاڻي جي وفات تي تعزيت ڪرڻ لاءِ شاهاڻي هائوس پهتا جتي کانئس تعزيت ڪئي.

[redacted]

جسٽس شڪيل احمد تي ٻڌل سپريم ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ پي ايم ايس آفيسرن جي سينارٽي سان لاڳاپيل 31 درخواستن تي فيصلو جاري ڪندي خيبرپختونخواهه سروس ٽربيونل جي فيصلي کي برقرار رکيو ۽ درخواستن کي رد ڪري ڇڏيو. چنجر ڏينهن جاري ڪيل تفصيلي تحريري فيصلي ۾ عدالت فيصلو ڪيو ته خيبر پختونخواهه سول سرونٽس (مقرري، ترقي ۽ بدلي) رولز 1989ع جي قاعدي 17 (b) جي تحت ٻين طريقن سان ڀرتي ڪيل سرڪاري ملازمن جي سينارٽي مسلسل باقاعده مقرري جي تاريخ سان طئي ڪئي ويندي. پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارش پاڻ مقرري ناهي. فيصلي موجب درخواست ڏيندڙن کي پبلڪ سروس ڪميشن 28 مارچ 2022ع تي پي ايم ايس آفيسرن طور سفارش ڪيو هو پر انهن جي مقرري جا نوٽيفڪيشن 27 اپريل 2022ع تي جاري ٿيا. درخواست ڏيندڙن جو موقف هو ته مقرري جا نوٽيفڪيشن ڄاڻي واڻي دير سان جاري ڪيا ويا ته جيئن خانگي پارٽين کي فائدو پهچائي سگهجي. درخواست ڏيندڙن جو الزام هو ته ان وقت جي خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير جي پرنسپال سيڪريٽري ۾ مقرر هڪ آفيسر جيڪو وڏي وزير جي پرنسپل اسٽاف آفيسر (PSO) طور ڪم ڪري رهيو هو، سندن مقرري جو عمل ڄاڻي واڻي دير جو شڪار ڪيو. سپريم ڪورٽ چيو ته درخواستگذارن سروس ٽربيونل ۾ عمومي طور تي بدنيتي ۽ سمري ۾ دير جو الزام ته لڳايو هو پر ڪي ايس آر خلاف رڳو مداخلت يا مقرري ۾ دير جو ذميوار هجڻ جو الزام باقاعده طور تي لاڳو نه ڪيو هو. سپريم ڪورٽ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن مخصوص آفيسر خلاف نئون حقيقتن تي ٻڌل الزام پيش نٿو ڪري سگهجي، جنهن لاءِ باقاعده ثبوت ۽ حقيقتن جي جاچ جي ضرورت هوندي آهي. عدالت چيو ته پبلڪ سروس ڪميشن 28 مارچ 2022ع تي اميدوارن جون سفارشون شروعاتي طور تي ڪيون هيون جيڪي سند جي تصديق، طبي فٽنيس ۽ ٻين قانوني گهرجن کي پورو ڪرڻ سان مشروط هيون. ڪميشن 31 مارچ 2022ع تي ڪجهه دستاويزي خامين کي درست ڪيو جنهن کان پوءِ مقرري جو عمل لاڳاپيل قانوني ۽ آفيس طريقيڪار مان گذريو ۽ 18 اپريل 2022ع تي مقرري جا آفر ليٽر جاري ڪيا ويا. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته هن دوران صوبائي سليڪشن بورڊ جو اجلاس 7 اپريل 2022ع تي ٿيو جنهن کان پوءِ خانگي پارٽين جي ترقي جا نوٽيفڪيشن 15 اپريل 2022ع تي جاري ڪيا ويا. سروس ٽربيونل رڪارڊ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ مقرري جي عمل ۾ لڳل وقت کي معمول جي آفيس جي ڪارروائي ۽ قانوني گهرجن جي تعميل جو نتيجو قرار ڏنو هو. سپريم ڪورٽ چيو ته رڪارڊ ۾ اهڙو ڪو به ثبوت موجود ناهي جنهن مان ثابت ٿئي ته درخواست ڏيندڙن جي مقرري ۾ بدنيتي تحت ڄاڻي واڻي رڪاوٽ وڌي وئي. جيڪڏهن انتظامي مداخلت ثابت ٿئي ها ته هن دير جو سينارٽي تي اثر جو جائزو وٺي سگهجي ها، پر موجوده ڪيس ۾ اهڙو ڪو ثبوت پيش نه ڪيو ويو. عدالت چيو ته سروس ٽربيونل سڀني لاڳاپيل قانوني حقيقتن تي ٻڌل رخن جو صحيح جائزو ورتو تنهنڪري ان جي فيصلي ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو سبب ناهي.

[redacted]

اسٽاف جون ذميواريون سنڀاليندو. هو سوسي وائلز جي جاءِ تي مقرر ٿيندو. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي بيان ۾ اسٽيفن ملر کي پنهنجو اعتماد جوڳو صلاحڪار قرار ڏيندي چيو ته هو هن وقت ڊپٽي چيف آف اسٽاف طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي. سوسي وائلز کي ٽرمپ جي سياسي ٽيم ۾ منتقل ڪيو ويندو پر ان جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل ظاهر نه ڪئي وئي. اسٽيفن ملر کي ٽرمپ انتظاميا جي سخت اميگريشن پاليسين ۽ ملڪ بدري جي قدمن جو اهم معمار سمجهيو ويندو آهي. هيءَ تبديلي وچ مدي وارين چونڊن ۾ ريپبلڪن پارٽي جي ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن ۾ شڪست جي ڪجهه ڏينهن بعد سامهون آئي آهي.

[redacted]

بجيٽ ۾ ڪٽوتين ذريعي ڪمزور ڪرڻ بدران سندن ذريعي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي ضرورت آهي. گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي سيد حيدر شاهه جنرل اسيمبلي جي چوٿين ڪميٽي (خصوصي سياسي ۽ نوآبادياتي معاملن) ۾ امن مشن بابت بحث دوران چيو ته گڏيل قومن جو امن مشن عالمي امن ۽ سلامتي برقرار رکڻ جو ضروري، موثر ۽ گهٽ لاڳت وارو ذريعو آهي جنهن کي جاگرافيائي ۽ سياسي ورهاست کان محفوظ رکڻ ضروري آهي. هن چيو ته سڌارن جو مقصد گڏيل قومن جي عملي صلاحيتن کي برقرار رکڻ هئڻ گهرجي ته جيئن مستقبل ۾ جنگ بندي، سياسي سمجهوتن يا ڪنهن نئين بحران جي صورتحال دوران عالمي ادارو اعتماد جوڳي عالمي موجودگي يقيني بڻائي سگهي. هن چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ ڊگهي عرصي کان اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ فوجي جٿا فراهم ڪندڙ وڏن ملڪن سان گڏوگڏ ميزبان ملڪ به آهي. هن وقت تائين هڪ لک 70 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني امن اهلڪار گڏيل قومن جي جهنڊي هيٺ خدمتون انجام ڏئي چڪا آهن جڏهن ته 183 اهلڪارن عالمي امن لاءِ پنهنجي حياتين جو نذرانو پيش ڪيو آهي. هن زور ڀريو ته امن مشنز جي ڪارڪردگي ۽ خرچن ۾ بچت جي قدمن سان ان جي صلاحيتن کي مضبوط هئڻ گهرجي ته ڪي ان جي انفرادي افاديت ۽ عملي سگهه متاثر ٿئي.

[redacted]

سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان جي قومي زندگيءَ جو اڻٽٽ حصو آهي. هن اها ڳالهه ديوالي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪا 8 نومبر تي ملهائي پئي وڃي. خاتون اول چيو ته سنڌ جي ڌيءُ هجڻ ناطي ديوالي جو ڏڻ منهنجي دل ۾ هڪ خاص جاءِ رکي ٿو. سنڌ جي محبت، مهمان نوازي ۽ مختلف مذهبن جي احترام جو جذبو منهنجي پيءُ جي ورثي جو حصو آهي. نسل در نسل اسان جي هندو ڀائرن ۽ ڀينرن سنڌ جي ثقافت کي ترتيب ڏيڻ ۾، ان جي برادرين کي برقرار رکڻ ۽ ان جي گڏيل روايتن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. هندو ڀائر سنڌ جي سڃاڻپ ۽ پاڪستان جي قومي زندگيءَ جو هڪ اڻٽٽ حصو آهن. هن چيو ته ديوالي اونداهي مٿان روشني ۽ نااميدي مٿان اميد جي فتح جو ڏڻ آهي. سندس پيغام شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي سرزمين جو هڪ فطري رهاڻ آهي جنهن جي شاعري محبت، انسانيت، وقار ۽ مذهبي اختلافن کان مٿاهون ٿي هڪ انساني رشتن جو درس ڏئي ٿي. بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته قائداعظم محمد علي جناح هڪ اهڙي پاڪستان جو تصور ڏنو جتي هر شهري کي پنهنجي مذهب جي آزادي ۽ عزت سان زندگي گذارڻ جو حق حاصل هجي. ان نظريي تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي ته هر برادري پنهنجا مذهبي ڏڻ خوشيءَ ۽ حفاظت سان ملهائي سگهي ۽ سڀني شهرين کي برابري جا حق ۽ موقعا حاصل هجن. آصفه ڀٽو زرداري چيو ته سندس ماءُ شهيد محترمه بينظير ڀٽو هڪ اهڙي پاڪستان تي يقين رکندي هئي جيڪو سڀني شهرين لاءِ هڪ جهڙو وطن هجي ۽ برابري لاءِ سندس عزم اڄ به منهنجي رهنمائي ڪري ٿو. مان چاهيان ٿي ته هر ٻار خاص ڪري هر ڇوڪري يقين سان وڌي ۽ ترقي ڪري ۽ مذهب جو احترام ڪيو وڃي ۽ سندن خواب اهميت رکن ٿا ۽ سندس مستقبل روشن امڪانن جو مالڪ آهي. خاتون اول ان ڳالهه تي زور ڀريو ته جڏهن خاندان ديوالي جا ڏيئا روشن ڪن انهن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي جيڪي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ خوشين جي هن موقعي تي کين ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اسان کي ديوالي جي گرمجوشي کي پيار، دوستي، مهرباني ۽ هڪٻئي جو خيال رکڻ جي جذبي ذريعي پنهنجي روزاني زندگي جو حصو بڻائڻ گهرجي. هن دعا ڪئي ته ديوالي جون روشنيون هر گهر لاءِ امن، خوشي ۽ خوشحالي جو پيغام کڻي اچن.

[redacted]

بلندين ڏانهن وڌي رهيو آهي. ملڪ ۾ راندين، ثقافت ۽ سياحت کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڀرپور سرگرميون جاري آهن. گهڙيسواري جهڙيون راندون پاڪستان جي ثقافتي سڃاڻپ ۽ سافٽ اميج جي عڪاسي آهن. چنجر ڏينهن هتي ايف-9 پارڪ ۾ وزيراعظم جي سياحت بابت ڪوآرڊينيٽر سردار ياسر الياس خان سان گڏ پاڪستان ٽوئرزم اسپورٽس اينڊ فيملي فيسٽيول تحت نيزي بازي (ٽينٽ پيگنگ) جي مقابلن جي تقريب کي خطاب ڪندي... وفاقي وزير نيزي بازي جي ڪلبن ۽ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو.

[redacted]

مان جاري بيان مطابق ملاقاتن ۾ خيبر پختونخوا ۾ سيڙپڪاري جي موقعن خاص طور تي معدنيات جي شعبي ۾ موجود امڪانن ۽ صوبي جي اڪنامڪ زونز ۾ سيڙپڪاري جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ارباب زرڪ به موجود هو. گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيني سيڙپڪارن جي آجيان ڪندي چيو ته خيبر پختونخوا قدرتي وسيلن ۽ معدني ذخيرن سان مالا مال صوبو آهي جتي معدنيات سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن. گورنر چيو ته چيني سيڙپڪار خيبر پختونخوا ۾ قائم اڪنامڪ زونز مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته صوبائي سيڙپڪارن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا ته جيئن هو اعتماد سان صوبي ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهن. هن چيو ته خيبر پختونخوا ۾ سيڙپڪاري جي امڪاني منصوبن جي حوالي سان لاڳاپيل صوبائي عملدارن ۽ اختيارين سان ويهي مشاورت ڪن ۽ عمل جوڳيون تجويزون جوڙين.

[redacted]

پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ چيو آهي ته آسام رياست جي ضلعي ڍوبري ۾ تڪرار هيٺ ايراضي جو الزام لڳائي 750 کان وڌيڪ مسلمانن خاندانن کي بي دخل ڪري ڇڏيو. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مسلمانن جي گهرن ۽ عبادت گاهن کي تباهه ڪرڻ لاءِ 60 کان وڌيڪ بلڊوزر ۽ پوليس نفري مقرر ڪئي وئي. بي دخلي آپريشن دوران مسجدن، عبادت گاهن ۽ قبرستانن جي مسمار تي مقامي مسلمانن شديد احتجاج ڪيو. مزارن ۽ قبرستانن ۾ ڏک ۽ سوڳ جا منظر ڏسڻ ۾ آيا، وڏي انگ ۾ ڏکويل عورتون مسجدن ۾ دعائون گهرنديون رهيون. واضح رهي ته 2014ع ۾ بي جي پي جي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ اقليتن خاص طور مسلمانن تي ظلم ۾ ڪيترائي ڀيرا اضافو ٿيو آهي. آسام ۾ مسلمانن کي غير قانوني بنگالي پرڏيهي قرار ڏئي بي دخل ڪيو پيو وڃي ۽ هن وقت تائين هزارين مسلمانن کي بي دخل ڪيو ويو آهي.

[redacted]

بخش جي مزار تي حاضري ڀري. ان موقعي تي هن چيو ته حضرت داتا گنج بخش جي تعليم محبت، اخوت، ڀائيچاري، رواداري، گڏيل هم آهنگي ۽ انسانيت جي خدمت جو لازوال پيغام آهي جيڪو صدين کان پاڪستان سميت سڄي دنيا جي عقيدتمندن لاءِ رهنمائي ۽ مشعل راهه جو ذريعو آهي. هن چيو ته حڪومت سمورن زائرين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪندي، جڏهن ته پرڏيهه مان ايندڙ عقيدت مندن جي سهولت لاءِ به خاص قدم کنيا ويندا ته جيئن هو پرسڪون، باوقار ماحول ۾ پنهنجي حاضري مڪمل ڪري سگهن. اوقاف کاتي پنجاب جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان ڀٽه، داتا دربار جي ايڊمنسٽريٽر محمد علي خان ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن نائب وزيراعظم جي آجيان ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر احسان ڀٽه کيس داتا دربار جي جاري توسيع، رنگ روغن ۽ خوبصورتي جي منصوبي، زائرين جي سهولتن ۾ اضافي لاءِ جاري ترقياتي قدمن، سيڪيورٽي انتظامن ۽ منصوبي تي ٿيندڙ اڳڀرائي جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني. اسحاق ڊار عورت زائرين لاءِ تازو ئي تعمير ڪيل مخصوص رستي جو پاڻ دورو ڪيو، اتي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو ۽ جاري ڪمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. هن سيڪريٽري اوقاف، داتا دربار جي ايڊمنسٽريٽر، داتا دربار جي ايس پي، خطيب مولانا نديم مختار، ايس ڊي پي، مزار جي انتظاميه جي ٻين ميمبرن، مواصلات ۽ تعميرات واري کاتي، نيسپاڪ ۽ ڪيبا جي گڏيل ڪوشش ۽ خدمتن جي به تعريف ڪئي. ڊاڪٽر احسان ڀٽه نائب وزيراعظم کي زائرين جي سهولت، اچ وڃ کي منظم بڻائڻ ۽ مزار تي سيڪيورٽي جا انتظام وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ اوقاف کاتي پاران کنيل قدمن کان به آگاهه ڪيو. نائب وزيراعظم ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته حڪومت مذهبي ۽ روحاني هنڌن جي بهتري ۽ زائرين جي معياري سهولتن جي فراهمي لاءِ سمورا ضروري وسيلا فراهم ڪندي. دوري جي پڄاڻيءَ تي اسحاق ڊار سيڪريٽري اوقاف ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ مزار تي حاضري ڀري ۽ فاتح خواني ڪئي.

[redacted]

24.446 ارب روپيا ٽيڪس کان اڳ منافعو حاصل ڪيو هو. اهڙي طرح مالي سال 2025-26ع دوران سوئي ناردرن گئس پائيپ لائينز لميٽيڊ جي ٽيڪس کان اڳ منافعي ۾ 10.21 ارب روپين يعني 41.76 سيڪڙو نمايان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو.

[redacted]

آهن. گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهي، جڏهن ته اترين علائقن ۾ ٿڌ رهي. چنجر ڏينهن رڪارڊ ڪيل گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد ليهه ڪاٽو 04، بابوسر، اسڪردو 01، بگروٽ ۽ استور ۾ 02 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

[redacted]

تي مبينه طور تي پولينڊ جو ورڪ ويزا ڏيارڻ جي بهاني شهري کان 12 لک 2 هزار روپيا وصول ڪرڻ ۽ فراڊ ڪرڻ جو الزام آهي. جوابدار کان 1 لک 15 هزار روپين جي جزوي ريڪوري ڪري ورتي آهي جڏهن ته باقي رقم 10 لک 87 هزار روپين جي ريڪوري لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي. ڪيس ۾ ملوث ٻين ماڻهن جي ڪردار جو تعين دوران جاچ ڪيو ويندو، جڏهن ته ڪيس جي جاچ انسپيڪٽر وحيد خان ڪري رهيو آهي. ايف آءِ اي اسلام آباد زون انساني اسمگلنگ ۽ ويزا فراڊ ۾ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائيون جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهي.

[redacted]

نامعلوم جوابدار کي نامعلوم دشمني جي بنياد تي قتل ڪرڻ جي الزام هيٺ نامزد ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس جوابدار جي گرفتاري لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب ڪيس ايف آءِ آر نمبر 536/2026 قلم 302 تحت 7 نومبر 2026 تي داخل ڪيو ويو آهي.

[redacted]

جي سربراهه اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا جن سان آل پاڪستان ... اتحاد ۽ آل پاڪستان قومي اتحاد جي چيئرمين سردار جام فيروز خان انڙ جي راجا هائوس ڪراچي ۾ ملاقات ٿي. ملاقات خوشگوار ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ٿي جنهن دوران ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال، سنڌ جي سياسي حالتن ۽ مختلف اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران سردار جام فيروز خان انڙ پير سائين پاڳارا جن سان ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال، سياسي پارٽين جي ڪردار، سنڌ ۾ جاري سياسي سرگرمين ۽ مستقبل جي سياسي منظرنامي بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ عوامي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سردار جام فيروز خان انڙ پير سائين پاڳارا جن سان پنهنجي سياسي ۽ سماجي خيالن جو اظهار ڪندي مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي جڏهن ته پير سائين پاڳارا جن پڻ موجوده سياسي صورتحال جي حوالي سان پنهنجا ويچار ونڊيا. ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ احترام، پنهنجائپ ۽ دوستاڻو ماحول برقرار رهيو. ملاقات کي سياسي ۽ سماجي حوالي سان اهميت جوڳو قرار ڏنو پيو وڃي.

[redacted]

هدايتن تي صوبائي حڪومت 8 کان 10 نومبر تائين سڄي سنڌ ۾ ديواليءَ جي تقريبن کي پرامن، محفوظ ۽ باوقار انداز ۾ ملهائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کڻي رهي آهي. هن ٻڌايو ته پوري صوبي جي پوليس

"روزاني عبرت" [redacted]

گرلڊ تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي جتي ڳالهائيندي ايس ايس پي سربراهه چيو ته بي گناهه قتل ٿيل دلشير برڦت جو تمام افسوس آهي برڦت برادري

"روزاني عبرت" [redacted]

چورن گهر کي ٻهاري ڇڏيو. واقعي کي ڪافي ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس اڃا تائين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي آهي. ٻئي طرف متاثر خاندان ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل روڪ رقم، سون جا زيور ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي.

"روزاني عبرت" [redacted]

ٻيا، جن کي فوري طور تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو. مزدا سکر کان سوات ڪيلا کڻي وڃي رهي هئي ته اوچتو ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب حادثو پيش آيو. پوليس موجب زخمين جو تعلق سوات سان آهي جن کي شروعاتي طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ رحيم يار خان ريفر ڪيو ويو آهي.

"روزاني عبرت" [redacted]

ته ڪن ڏينهن اندر ڪارروائي نه ٿي ته 10 نومبر تي ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو.

"روزاني عبرت" [redacted]

ڪيماڙي جو دورو ڪيو جتي هن توري بنگش روڊ ۽ تعمير هيٺ مرزا آدم خان روڊ تي جاري ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن کان

[redacted]

ٽينڪرن کي ڊيفنس فيز 7 ايڪسٽينشن مان بازياب ڪرائي ورتو آهي. بازياب ڪرايل ٽينڪرن جي عمر 14 ۽ 15 سال ٻڌائي پئي وڃي جن جي

[redacted]

شڪست ملي آهي. اسرائيلي دهشتگردي جي سربراهي جو مقابلو ڪيو ويو آهي جڏهن ته طوفان الاقصيٰ جي نتيجي ۾ اسرائيل کي شڪست ملي آهي.

[redacted]

تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار چيو ته پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور سنڌ پوليس جو اهم ۽ تاريخي تربيتي ادارو آهي جنهن کي جديد سهولتن سان آراسته ڪرڻ ۽ تربيت جو معيار وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. هن سنڌ پوليس جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته پوليس آفيسرن ۽ جوانن صوبي ۾ امن امان جي قيام لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن جن جي نتيجي ۾ شاهراهن ۽ مختلف علائقن ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي. نوجوان پوليس آفيسرن جي صلاحيتن ۽ محنت سان سنڌ ۾ امن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو. آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو خطاب ڪندي چيو ته تربيت مڪمل ڪندڙ اي ايس آئيز جي سنڌ پوليس ۾ شموليت فورس جي افرادي قوت ۾ اهم اضافو آهي. هن ڪامياب اهلڪارن، سندن والدين، استادن ۽ انسٽرڪٽرن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته ڪنهن به پوليس اداري جي ڪاميابي جو دارومدار معياري تربيت ۽ پيشه ورانه صلاحيتن تي هوندو آهي. هن چيو ته اي ايس آئيز پوليس فورس جي ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته عوامي شڪايتن جي ازالي، پوليس ڪارروائين ۽ شهرين سان سڌي رابطي ۾ سندن بنيادي ڪردار هوندو آهي. مستقبل جي پوليسنگ جديد ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل آهي تنهنڪري پوليس آفيسرن کي سائبر ڪرائم، آن لائن فراڊ، ڊجيٽل مالي ڏوهن ۽ منظم ڏوهن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد مهارتن سان ليس ڪرڻ ضروري آهي. آءِ جي سنڌ وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جاچ واري شعبي لاءِ ٻن هزارن کان وڌيڪ نون اي ايس آئيز جي ڀرتي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جنهن بعد ڀرتي ۽ چونڊ جو عمل شروع ڪيو ويندو. هن نون آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي شهرين سان عزت ۽ احترام سان پيش اچن، سندن شڪايتون ٻڌن ۽ قانون موجب داد رسي ڪن جڏهن ته ڪنهن به دٻاءُ، سفارش يا ذاتي مفاد کي قانون جي عملداري تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏين. تفصيل موجب ٻن تربيتي بيچن جي مجموعي طور 783 اهلڪارن 9 مهينن جي تربيت مڪمل ڪري سنڌ پوليس ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي جن ۾ 673 مرد ۽ 110 عورت اي ايس آئيز شامل آهن. تقريب ۾ ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو، ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر عمران الحسن خواجه، ايس ايس پي سانگهڙ شاهنواز چاچڙ، پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور جي پرنسپال آصف احمد بگهيو، ايم پي ايز علي حسن هنگورجو، شاهد خان ٿهيم، جهانگير جوڻيجو، عمران ڏاهراڄ، پوليس جي اعليٰ آفيسرن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن، تربيت مڪمل ڪندڙ اهلڪارن ۽ سندن والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پاسنگ آئوٽ پريڊ جي موقعي تي پوليس جي دستي خاص مهمان کي سلامي پيش ڪئي جنهن بعد صوبائي وزير داخلا پريڊ جو معائنو ڪيو جڏهن ته حلف برداري ۽ شاندار مارچ پاسٽ جو مظاهرو پڻ ڪيو ويو. ان موقعي تي ڪمانڊو ايڪشن، هنگامه آرائي کي منهن ڏيڻ وارين مشقن ۽ سنڌ جي روايتي ثقافتي رقص "هو جمالو" شرڪت ڪندڙن کان خوب داد حاصل ڪيو.

No.LS/29070/2026

انسپيڪٽوريٽ جنرل سنڌ
پريزنز اينڊ ڪريڪشنز سروس

پير الاهي بخش روڊ مسلم آباد ڪراچي

ٽيليفون نمبر. 021-99231418 فيڪس نمبر. 021-99231084 اي ميل: sindhprisons@gmail.com

تاريخ: 05 نومبر 2026

ٽينڊر نوٽيس

1. انسپيڪٽر جنرل، سنڌ جيل ۽ اصلاحي خدمتون (Prisons & Corrections Service)، ڪراچي، سنڌ جيل سروس جي سمورن جيلن/آفيسن لاءِ MPLS Layer-III VPN ڪنيڪٽوٽي جي فراهمي واسطي، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميمي 2019) جي تحت ۽ SPPRA جي "E-Pak Acquisition & Disposal System" (EPADS) ويب سائيٽ ذريعي، سنگل اسٽيج-ٽو انويلپ طريقيڪار مطابق جيئن ته SPPRA رولز جي قاعدي نمبر 46(2) ۾ بيان ٿيل آهي ڀيهر وڪرو ٿيل بولين جي دعوت ڏئي ٿو. اها دعوت انهن دلچسپي رکندڙ فرمز لاءِ آهي جيڪي SECP ۽ FBR وٽ رجسٽرڊ هجن. جن وٽ نيشنل ٽيڪس نمبر (NTN)، سيلز ٽيڪس رجسٽريشن نمبر (STRN) ۽ سنڌ نيشنل ٽيڪس نمبر (SNTN) موجود هجن. فرم جو پاڪستان ۾ قانوني وجود هجڻ لازمي آهي. ان سان گڏوگڏ ان وٽ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (PTA) پاران پاڪستان ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن خدمتون (سيلولر/فائبر) فراهم ڪرڻ جو اختيار (اجازت) ۽ "لوڪل لوپ لائسنس" (Local Loop License) هجڻ پڻ ضروري آهي.

2. مجاز اختياري بهترين خدمتن جي دستيابي کي جانچي/تصديق ڪري سگهي ٿو ۽ مقابلي جي قابل اگهن تي بهترين ڪوريج جي بنياد تي خدمتن جي چونڊ ڪري سگهي ٿو.

3. بڊ جا دستاويز 23.11.2026 تي منجهند 02:00 وڳي تائين SPPRA جي "اي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم" (EPADS) جي ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تان، ۽ ان سان گڏوگڏ "سنڌ جيل ۽ اصلاحي خدمتن" (Sindh Prisons & C.S) جي ويب سائيٽ www.spcs.gos.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

4. بوليءَ جا دستاويز 23.11.2026 تي منجهند 02:00 وڳي تائين SPPRA E-Pak Acquisition & Disposal System (EPADS) جي ويب سائيٽ، يعني https://portalsindh.eprocure.gov.pk/ ذريعي جمع ڪرائي/اپلوڊ ڪري سگهجن ٿا.

5. بوليءَ جا دستاويز (ٽيڪنيڪل بولين) 23.11.2026 تي منجهند 03:00 وڳي SPPRA E-Pak Acquisition & Disposal System (EPADS) جي ويب سائيٽ، يعني https://portalsindh.eprocure.gov.pk/ ذريعي کوليا ويندا.

6. ٽينڊر فيس، پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ جي انسپيڪٽر جنرل آف پريزنز سنڌ، ڪراچي جي نالي تي نهيل پي آرڊر جي صورت ۾، مٿي ڄاڻايل آفيس ۾ جمع ڪرائڻي پوندي (رقم: 3000 روپيا).

7. بولي سان گڏ -/500,000 رپين جي رقم سوئي رقم طور شامل هجڻ لازمي آهي. اها رقم پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيولڊ بئنڪ جي پي آرڊر، ڊماند ڊرافٽ يا بئنڪ گارنٽي وغيره جي صورت ۾ هئڻ گهرجي، جيڪا انسپيڪٽر جنرل آف پريزنز سنڌ، ڪراچي جي نالي تي جاري ڪيل هجي. ان جي هڪ ڪاپي SPPRA جي "اي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم" (EPADS) ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ لازمي آهي، جڏهن ته بولي جي ضمانت جو اصل دستاويز مٿي ڄاڻايل وقت ۽ جاءِ تي (يا ان کان اڳ) جمع ڪرائڻو پوندو.

8. جيڪڏهن بڊز کولڻ واري ڏينهن ڪنهن به سبب ڪري عام موڪل اچي وڃي، ته پوءِ اهي ايندڙ ڪم واري ڏينهن، مقرر وقت تي کولي سگهجن ٿيون. ان بابت وڌيڪ تفصيل بوليءَ جي دستاويزن ۾ موجود آهن؛ تنهن هوندي به، جيڪڏهن ڪنهن اضافي معلومات جي ضرورت هجي ته اها ڪنهن به ڪم واري ڏينهن، آفيس جي وقت دوران، نسپيڪٽر جنرل، سنڌ جيل ۽ اصلاحي خدمتن جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجي ٿي. هي آفيس پير الاهي بخش روڊ، مسلم آباد ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، دائود انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي جي ويجهو واقع آهي. ان سلسلي ۾ فون نمبر 021-99231418 ۽ فيڪس نمبر 021-99231084 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

9. اسٽور جي مقدار کي SPPRA رولز 2010 (جيڪي وقت بوقت ترميم ٿيل آهن) مطابق وڌائي يا گهٽائي سگهجي ٿو.

10. انسپيڪٽر جنرل، سنڌ جيل ۽ اصلاحي خدمتون، ڪراچي کي اهو اختيار حاصل آهي ته هو سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي لاڳاپيل قاعدن مطابق، ڪنهن به يا سمورين بولين کي قبول يا رد ڪري سگهي ٿو.

(محمد اسلم ملڪ)
ڊي. آءِ. جي پريزنز ڪراچي ريجن
(هيڊ آف دي پروڪيورمنٽ ڪميٽي)

INF-KRY:NO.5065/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 08 نومبر 2026ع

آمريڪي چونڊن جا دلچسپ نتيجا: سماج جا نوان چهرا ۽ تاريخ جا نوان باب







مجيب ناريجو

آمريڪا ۾ 3 نومبر تي ٿيل وچ مدي وارين چونڊن ۾ صدر جي چونڊ تہ نہ ٿيندي آهي، پر انهن ذريعي ملڪ جي قانون ساز اداري ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن جي جوڙجڪ تبديل ٿيندي آهي. مخالف ڌر کي اڪثريت ملڻ جي صورت ۾ اها صدر جي فيصلن ۽ حڪومتي قدمن ۽ ڇڙواڳين تي پڇاڻو ڪري سگهي ٿي، جاچ ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي ۽ حڪومتي ڪارڪردگيءَ جو احتساب ڪري سگهي ٿي. هيٺين ايوان جي سمورين 435 ۽ سينيٽ جي لڳ ڀڳ هڪ ٽهائي تي سيٽن لاءِ چونڊون ٿينديون آهن، جڏهن تہ 36 رياستن ۾ گورنرن ۽ ڪيترين ئي رياستن ۾ اسيمبلين جون چونڊون پڻ ٿينديون آهن. هن ڀيري ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ٻنهي ايوانن ۾ اڪثريت حاصل ڪئي آهي، پر انهن چونڊن جو وڌيڪ دلچسپ پاسو آمريڪي سماج جي مختلف برادرين، نسلن ۽ عمر وارن ماڻهن جي نمائندگيءَ ۾ آيل تبديلي آهي.

اسلامي برادريءَ لاءِ اهي چونڊون خاص اهميت رکن ٿيون. مشيگن مان عبدالسيد ڪاميابي حاصل ڪري آمريڪي سينيٽ جو پهريون مسلمان ميمبر بڻيو (دلچسپ ڳالھ اها آهي تہ هن جي خلاف صدر ٽرمپ پاڻ مهم هلائي تڪ جا دورا ۽ جلسا ڪيا هئا). هيٺين ايوان ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ 7 مسلمان اميدوار ڪامياب ٿيا، جن ۾ نيوجرسي مان ڊاڪٽر آدم حمادي ۽ نيويارڪ مان ڊريليزا ايويلا شيوليئر شامل آهن. رشيده طليب ۽ الهان عمر بہ پنهنجيون سيٽون برقرار رکڻ ۾ ڪامياب رهيون. آمريڪي سياست ۾ مسلمانن جي اها اڳڀرائي خاص ڌيان ڇڪائي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي اها اسلامي برادري رڳو ووٽرن جي حيثيت ۾ نہ، پر قانون سازيءَ جي اعليٰ ادارن ۾ بہ پنهنجو حصو وڌائي رهي آهي.

آمريڪا جي اصلوڪن رهواسين، جن کي عام طور ريڊ انڊين چيو وڃي ٿو انهن لاءِ بہ هي چونڊون يادگار رهيون. نيو ميڪسيڪو مان ديب هاليند (Deb Haaland) گورنر چونڊجي آمريڪا جي پهرين ريڊ انڊين عورت گورنر بڻجي وئي. هوءَ ان کان اڳ وفاقي حڪومت ۾ وزير پڻ رهي چڪي آهي. مينيسوٽا جي پيگي فلاناگن (Peggy Flanagan) سينيٽ ۾ پهچندڙ پهرين ريڊ انڊين عورت طور تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرايو. نيو ميڪسيڪو ۾ گورنر ۽ نائب گورنر ٻنهي عهدن تي اقليتي عورتن جي ڪاميابي بہ هنن چونڊن جو هڪ منفرد پاسو آهي.

عورتن جي سياسي نمائندگيءَ ۾ بہ اهم اڳڀرائي ٿي. جارجيا مان ڪيشا لانس باٽمز (Keisha Lance Bottoms) آمريڪا جي پهرين ڪاري عورت گورنر چونڊجي وئي، جڏهن تہ ٽيڪساس مان جينا هينوجوسا (Gina Hinojosa) رياست جي پهرين لاطيني عورت گورنر بڻي آهي. فلوريڊا ۾ بائرن ڊونلڊز (Byron Donalds) ڪاري نسل جو پهريون گورنر چونڊجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. چونڊن کان پوءِ 2027ع ۾ آمريڪا جي 17 رياستن جون واڳون عورت گورنرن جي هٿن ۾ هونديون، جيڪو ملڪ جي تاريخ ۾ هڪ نئون رڪارڊ آهي. ان کان سواءِ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آمريڪا جي 8 رياستن ۾ گورنر ۽ نائب گورنر ٻنهي عهدن تي هڪ ئي وقت عورتن جي جوڙي چونڊجي اقتدار سنڀاليندي.

ايشيائي نسل سان تعلق رکندڙ آمريڪين جي نمائندگيءَ جو ذڪر بہ دلچسپيءَ کان خالي ناهي. وفاقي ڪانگريس ۾ نسلي ايشيائي قانون سازن جي مجموعي نمائندگي وڌي 22 کان 24 ميمبرن تائين پهچي وئي آهي، جيڪي قانون سازيءَ کان علاوه انٽيليجنس، فارن افيئرس ۽ چين بابت خاص ڪميٽين جي سربراهي عهدن تي فعال نمائندگي ڪري رهيا آهن. آمريڪي ڪانگريس ۾ ڀارتي نسل جي ڇهن قانون سازن جي غيررسمي گروپ کي 'سموڪا ڪاڪس' (Samosa Caucus) چيو وڃي ٿو. ان ۾ امي بيرا، رو کنا، راجا ڪرشنا مورتي، پرميلا جيپال، شري ٿانيدار ۽ سوهاس سبرامنيم شامل آهن. ڏکڻ ايشيا جي مشهور سوغات سموسي جي نالي سان سڃاتل هن گروپ جو وجود پنهنجي جاءِ تي دلچسپ آهي. ان کانسواءِ ڊاڪٽر اميش شاھ ۽ پيا ڊانڊيا جون ڪاميابيون پڻ ڀارتي نسل جي آمريڪين جي وڌندڙ سياسي موجودگيءَ جو حصو آهن.

عمر جي حوالي سان بہ چونڊن ۾ نئين ۽ پراڻي نسل جو دلچسپ ميلاپ ڏسڻ ۾ آيو. 25 سالن جو ميڪسيول فراسٽ اڳ ئي جنريشن زي جو پهريون ڪانگريسي ميمبر بڻجي چڪو هو. جڏهن تہ هن ڀيري بہ ڪيترن ئي نوجوان نمائندن ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. ٻئي پاسي چڪ گراسلي، برني سينڊرز ۽ نينسي پلوسي جهڙا جهونا تجربيڪار سياستدان بہ چونڊن ۾ ڪامياب ٿيا. ڪانگريس ۾ نوجوانن جي اچڻ ۽ جهونن سياستدانن جي موجودگيءَ مان آمريڪي سياست ۾ پيڙهين جي گڏيل شرڪت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

آمريڪا جي روايتي سياسي مضبوط قلعن ۾ آيل تبديليون بہ گهٽ اهم ناهن. ڪنساس ۾ 1932ع کان پوءِ پهريون ڀيرو ڪنهن ڊيموڪريٽڪ اميدوار (ايڊم هيملٽن) سينيٽ جي سيٽ کٽي. ٽيڪساس ۾ بہ ڪيترن ڏهاڪن کان پوءِ سينيٽ ۽ گورنر جي عهدن تي پارٽيءَ جي تبديلي ٿي، جڏهن تہ مين (Maine) رياست ۾ ڊگهي عرصي کان سينيٽر رهندڙ سوزن ڪولنز کي شڪست ملي. انهن نتيجن واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ مضبوط سياسي روايتون بہ ووٽرن جي فيصلي آڏو هميشہ برقرار نٿيون رهي سگهن.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ چونڊن تي صدر ٽرمپ جي فيصلن، ڌمڪين، ايران جنگ سبب وڌيل ۾ معاشي مسئلا، مهانگائي، پيٽرول ۽ روزمره استعمال جي شين جا وڌندڙ اگهه ووٽرن جي ترجيحن ۾ متاثر رهيا. وچ اوڀر جي صورتحال ۽ ايران تي مڙهيل جنگ بابت بحث بہ چونڊ مهم جو حصو هئا. ٻنهي ايوانن ۾ مخالف ڌر جي اڪثريت حاصل ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ آمريڪي ووٽرن حڪومت جي پاليسين تي ڪاوڙ جي اظهار لاءِ ووٽ جو ڀرپور نمونو استعمال ڪيو آهي. ايندڙ ڏينهن ۾ انهن نتيجن جو اثر وچ اوڀر ۽ ايران بابت آمريڪي پاليسيءَ تي بہ پئجي سگهي ٿو.

اسرائيلي چونڊون ۽ نيتن ياهو جون ناڪاميون



فريد احمد

اسرائيل جي چونڊن وزيراعظم نتن ياهوءَ کي ناڪاميون پلئہ پيون آهن. سندس ڊگهي سياسي بالادستيءَ کي وڏو ڌڪ رسايو آهي. غزه ۾ فلسطيني شهرين جو ڪوس، يرغمالي اسرائيلين جي واپسيءَ ۾ ناڪامي، ايران خلاف فوجي ڪاروائي جي نتيجن، سلامتيءَ بابت وڌندڙ سوالن ۽ حڪومت جي تڪراري فيصلن سندس سياسي ساک کي متاثر ڪيو آهي. چونڊن ۾ سندس جماعت سڀ کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪرڻ باوجود حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهربل اڪثريت کان پري رهجي وئي آهي، جڏهن تہ مخالف ڌر کي اقتدار ۾ اچڻ جو موقعو مليو آهي. پر مخالف ڌر جي اندروني اختلافن ۽ عرب پارٽين جي حمايت بابت ڇڪتاڻ سبب حڪومت ٺاهڻ جو رستو اڃا صاف ناهي ٿيو.

گذريل پارليامينٽ ۾ نتن ياهوءَ جي اتحاد کي 68 سيٽن جي حمايت حاصل هئي. هاڻي اهو انگ گهٽجي 53 تي پهتو آهي، يعني سندس اتحاد کي 15 سيٽن جو نقصان ٿيو آهي. اڳوڻي آرمي چيف گادي آئزنڪوٽ جي جماعت 'ياشار' 21 سيٽون کٽي مخالف ڌر جي سڀ کان وڏي جماعت بڻجي سامهون آئي، جڏهن تہ اڳوڻي وزيراعظم نفتالي بينيٽ جي جماعت 'بي ياهاد' 12 سيٽون حاصل ڪيون. نتن ياهوءَ لاءِ هي نتيجا رڳو سيٽن جي گهٽتائي نہ، پر سندس حڪومتي ڪارڪردگيءَ تي عوامي ردعمل بہ آهن. 7 آڪٽوبر 2023ع تي حماس جي حملي کان پوءِ اسرائيل جي سلامتيءَ بابت حڪومت تي سخت سوال اٿيا. حملي ۾ اسرائيلي شهرين جي مارجڻ ۽ يرغمال بڻجڻ، انهن جي واپسيءَ ۾ دير ۽ غزه ۾ ڊگهي جنگ نتن ياهوءَ جي حڪومت لاءِ وڏو مسئلو بڻيا. غزه جي تباهي ۽ وڏي انگ ۾ فلسطينين جي قتل تي بہ اسرائيل اندر توڙي ٻاهرين دنيا ۾ سندس حڪومت تي تنقيد ٿيندي رهي. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جڏهن هو خطاب لاءِ ڊائيس تي آيو تہ دنيا جي 70 ملڪن واڪ آئوٽ ڪندي سندس منهن تي جيڪا چماٽ هنئي هئي، ان جو لقاءُ اسرائيلي قوم بہ ڏٺو تہ دنيا ڪيئن نفرت ڪري ٿي، هڪ اسرائيل فرد دنيا ۾ ڪيئن ۽ ڪيترو محفوظ رهي سگهي ٿو اهو سوال بہ ووٽرن جي ذهن ۾ رهيو ۽ اهي الزام بہ تہ هو فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي. ۽ چونڊن کان اڳ مخالف ڌر جو الزام هو تہ نتن ياهوءَ جنگ کي ڊگهو ڪري اقتدار بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ مذهبي جماعتن جي نوجوانن کي فوجي ڀرتيءَ کان ڇوٽ ڏيڻ وارو معاملو بہ حڪومت لاءِ تڪرار جو سبب بڻيو.



چونڊن کان پوءِ حڪومت ٺاهڻ لاءِ سياسي جوڙجڪ شروع ٿي وئي آهي. صدر آئزڪ هرزوگ سان مشاورت دوران 67 پارليامينٽ ميمبرن آئزنڪوٽ کي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏيڻ جي سفارش ڪئي آهي، جڏهن تہ 46 ميمبرن نتن ياهوءَ جي حمايت ڪئي آهي. نتن ياهوءَ جي پراڻي اتحادي جماعت 'يونائيٽڊ تورا يهوديت' ڪنهن بہ اميدوار جي سفارش ناهي ڪئي. ان جماعت جو اعتراض آهي تہ حڪومت الٽرا آرٿوڊوڪس نوجوانن کي لازمي فوجي ڀرتيءَ کان ڇوٽ ڏيڻ وارو واعدو پورو ناهي ڪيو. آئزنڪوٽ جي حق ۾ 67 ميمبرن جون سفارشون اچڻ باوجود حڪومت ٺاهڻ جو معاملو ايترو سولو ناهي. انهن ميمبرن ۾ عرب پارٽين جا 19 نمائندا بہ شامل آهن. پر آئزنڪوٽ عرب پارٽين کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ کان انڪار ڪري چڪو آهي. اهڙيءَ طرح انهن جي حمايت کي پڪي اتحادي اڪثريت نٿو چئي سگهجي. ٻئي طرف، نتن ياهوءَ لاءِ بہ گهربل سيٽون گڏ ڪرڻ آسان نہ هوندو. صدر هرزوگ 8 نومبر تي (اڄ) ڪنهن هڪ اميدوار کي حڪومت ٺاهڻ جو مينڊيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪندو. نامزد اميدوار کي حڪومت ٺاهڻ لاءِ 28 ڏينهن ملندا، جن ۾ وڌيڪ 14 ڏينهن جي واڌ ٿي سگهي ٿي. ان وقت تائين نتن ياهو نگران وزيراعظم رهندو. آئزنڪوٽ اڳوڻو آرمي چيف آهي ۽ 7 آڪٽوبر کان پوءِ نتن ياهوءَ جي جنگي ڪابينا ۾ بہ شامل رهيو. سندس اقتدار ۾ اچڻ سان اسرائيل جي فلسطين بابت پاليسيءَ ۾ ڪا وڏي تبديلي اچي ويندي، اهڙي اميد رکڻ وقت کان اڳ ٿيندو. غزه ۽ فلسطين بابت فيصلا رڳو وزيراعظم جي مرضيءَ سان ناهن ٿيندا، اسرائيلي فوج، سلامتيءَ جا ادارا ۽ رياستي حڪمت عملي بہ انهن تي اثرانداز ٿيندي آهي. آمريڪا سان اسرائيل جا لاڳاپا بہ ان پاليسيءَ جو اهم حصو آهن. البت نئين حڪومت اچڻ سان جنگ، يرغمالين ۽ فلسطينين بابت فيصلن جو انداز بدلجي سگهي ٿو.

نتن ياهوءَ لاءِ چونڊن جا نتيجا وڏو ڌڪ آهن، پر سندس سياسي راند اڃا ختم نہ ٿي آهي. مخالف ڌر وٽ سيٽون گڏ ڪرڻ جو موقعو ضرور آهي، پر مختلف جماعتن جا پنهنجا مفاد ۽ اختلاف آهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ اهي اختلاف پاسيرا رکي حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون يا نتن ياهو هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي جوڙجڪ وسيلي اقتدار بچائي وٺي ٿو.



راتِ جو سج جي روشني وڪڻڻ جو آمريڪي ڪمپنيءَ جو منصوبو



فيضان احمد

آمريڪا جي ڪيليفورنيا رياست ۾ قائم هڪ ڪمپني رات جي وقت زمين تي سج جي روشني پهچائڻ جو منصوبو تيار ڪري رهي آهي. 'ريفليڪٽ آربٽل' نالي ڪمپنيءَ جو ارادو آهي تہ خلا ۾ اهڙا سيٽلائيٽ موڪليا وڃن، جن تي لڳل وڏن آئينن ذريعي سج جي روشني زمين جي چونڊيل هنڌن ڏانهن موڪلي سگهجي. ڪمپني ان سهولت کي وڪڻڻ چاهي ٿي، جنهن لاءِ صارف موبائل ايپ ذريعي پنهنجي گهربل هنڌ تي روشني پهچائڻ جي درخواست ڏئي سگهندا.

منصوبي لاءِ ڪمپنيءَ راڪيٽ تيار ڪندڙ اداري 'اسڪاءِ روٽ ايرواسپيس' سان 2 راڪيٽ موڪلڻ جو معاهدو ڪيو آهي. رٿا موجب زمين جي هيٺين مدار ۾ 18 ميٽر ڊگها ۽ 18 ميٽر ويڪرا وڏا آئينا لڳايا ويندا، جن جو رخ تبديل ڪري سج جي روشني گهربل هنڌ ڏانهن موڪلي سگهبي.

شروعاتي تجربي ۾ لڳ ڀڳ 5 ڪلوميٽر ويڪري علائقي کي روشن ڪرڻ جو هدف رکيو ويو آهي. ڪمپنيءَ موجب سيٽلائيٽن جي پوزيشن مسلسل تبديل ڪري روشنيءَ کي گهربل هنڌ تي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

هن منصوبي جي پهرين آزمائش 2027ع جي ٻئي ٽہ ماهي ۾ ٿيڻ جي اميد آهي، جنهن لاءِ 'ايئرينڊل ون' نالي سيٽلائيٽ استعمال ڪيو ويندو. ڪمپنيءَ جو هدف 2035ع تائين خلا ۾ 50 هزار سيٽلائيٽن جو جار وڇائڻ آهي. شروعاتي طور انهن آئينن مان منعڪس ٿيندڙ روشني چنڊ جي روشنيءَ جيتري هوندي، جڏهن تہ سيٽلائيٽن جو انگ وڌڻ سان روشنيءَ جي شدت ۽ ان جي فراهميءَ جو وقت بہ وڌائي سگهڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي.

ڪمپنيءَ جو چوڻ آهي تہ هن ٽيڪنالاجيءَ سان شمسي توانائي پيدا ڪندڙ منصوبن کي سج لهڻ کان پوءِ بہ بجلي ٺاهڻ ۾ مدد ملي سگهندي. ان کان سواءِ ٻوڏن، زلزلن ۽ ٻين قدرتي آفتن سبب متاثر ٿيندڙ علائقن ۾ رات جي وقت روشني پهچائڻ توڙي امدادي سرگرمين دوران بہ اها سهولت استعمال ڪري سگهجي ٿي.

پر منصوبي بابت فلڪيات جي ماهرن ۽ ماحولياتي ڪارڪنن جا خدشا بہ سامهون آيا آهن. سندن چوڻ آهي تہ خلا ۾ وڏي انگ ۾ آئينا لڳائڻ سان رات جي قدرتي اونداهي متاثر ٿيندي، جنهن جو اثر فلڪياتي مشاهدي ۽ جاندارن جي زندگيءَ تي بہ پئجي سگهي ٿو.

آگسٽ 2025ع ۾ سائنسي رسالي 'دي ايسٽرو فزيڪل جرنل ليٽرز' ۾ شايع ٿيل هڪ تحقيق ۾ بہ هن ٽيڪنالاجيءَ جي امڪاني اثرن جو جائزو ورتو ويو. تحقيق موجب خلا مان زمين ڏانهن موڪليل روشني فضا ۾ موجود گئسن جي ماليڪيولن ۽ مٽيءَ جي ذرڙن سان ٽڪرائجي مختلف پاسن ۾ پکڙجي سگهي ٿي. زمين تان واپس منعڪس ٿيندڙ روشني بہ ان عمل ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح روشني رڳو ان هنڌ تائين محدود نہ رهندي، جتي ان جي درخواست ڪئي وئي هوندي، پر ڀرپاسي وارا علائقا بہ متاثر ٿي سگهن ٿا.

تحقيق ۾ پيش ڪيل ڪمپيوٽر ماڊل موجب، جيڪڏهن آئينا گهربل هنڌ کان لڳ ڀڳ 14 ڪلوميٽر پري بہ هجن تہ زمين تي پهچندڙ روشني پوري چنڊ جي روشنيءَ کان وڌيڪ ٿي سگهي ٿي. ان صورت ۾ ويجهن علائقن جا رهواسي بہ اهڙي روشنيءَ کان متاثر ٿي سگهن ٿا. جڏهن تہ اهي نتيجا ڪمپيوٽر ماڊل ۽ سائنسي حسابن تي ٻڌل آهن. تنهنڪري حقيقي اثرن جي جاچ عملي تجربن کان پوءِ ئي ملي سگهندي.

ريفليڪٽ آربٽل کي جولاءِ ۾ آمريڪي وفاقي ڪميونيڪيشن ڪميشن کان منصوبي جي منظوري ملي چڪي آهي. پر فلڪياتي ماهرن ۽ ماحولياتي تنظيمن ان تي اعتراض واريا آهن ۽ منظوري واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

رات جو سج جي روشني وڪڻڻ جو هي منصوبو اڃان آزمائشي مرحلي ۾ آهي. ان سان شمسي توانائيءَ جي پيداوار ۽ هنگامي حالتن ۾ روشنيءَ جي فراهميءَ جا امڪان موجود آهن. پر ان سان گڏ رات جي قدرتي ماحول ۽ فلڪياتي مشاهدي کي پهچندڙ نقصان جو جائزو وٺڻ بہ ضروري آهي. ان ٽيڪنالاجيءَ جا حقيقي فائدا ۽ نقصان عملي تجربن کان پوءِ ئي واضح ٿي سگهندا.

هيڪرن جي فوج: اتر ڪوريا جو ڳجهو هٿيار

محمد علي

اتر ڪوريا ۾ جيڪڏهن ڪو ٻار رياضي ۽ ڪمپيوٽر جي تعليم ۾ غيرمعمولي صلاحيت ڏيکاري ٿو تہ ممڪن آهي تہ سندس مستقبل جو فيصلو سندس مرضيءَ کان اڳ ئي ٿي وڃي. ڪيس ننڍي عمر ۾ چونڊي، خاص تربيت ڏني وڃي ٿي ۽ پوءِ فوج جي سائبر يونٽ ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو، جتي سندس ذميواري ٻين ملڪن جي ڪمپنين ۽ مالي ادارن جا ڪمپيوٽر نظام هيڪ ڪرڻ هوندي آهي. اتر ڪوريا ڪيترن سالن کان اهڙي فوج تيار ڪري رهيو آهي، جنهن جا سپاهي بندوق بدران ڪمپيوٽر استعمال ڪن ٿا. برطانوي خبررساں اداري رائٽرز جي رپورٽ موجب، اتر ڪوريا جي انهن هيڪرن تي دنيا جي وڏي ڪرپٽو ڪرنسي پليٽ فارم 'بائنانس' تي حملي جو الزام آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 6.3 ارب ڊالرن جي ماليت جا ڪرپٽو اثاثا چوري ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. آمريڪي جاچ اداري ايف بي آءِ ۽ بائنانس ان حملي جو ذميوار اتر ڪوريا سان لاڳاپيل هيڪرن کي قرار ڏنو آهي، جڏهن تہ اتر ڪوريا ان الزام کي رد ڪري ٿو.

رپورٽ موجب، هيڪرن جي تياريءَ لاءِ هر سال مڊل اسڪول جي 11 کان 12 سالن جي عمر وارن 150 کان 200 ذهين ٻارن جي چونڊ ڪئي وڃي ٿي. سندن چونڊ جو بنياد رياضي ۽ ڪمپيوٽر ۾ صلاحيت هوندي آهي. ٻارن کان اهو بہ نٿو پڇيو وڃي تہ هو مستقبل ۾ هيڪر ٿيڻ چاهين ٿا يا نہ. پهرين کين ڪمپيوٽر سائنس ۽ پروگرامنگ جي سکيا ڏني وڃي ٿي. 17 سالن جي عمر ۾ بهترين شاگردن کي ملڪ جي خاص يونيورسٽين ۾ موڪليو وڃي ٿو جتي وڌيڪ جاچ کان پوءِ ڪجھ نوجوانن کي فوج جي سائبر يونٽن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. اتر ڪوريا مان فرار ٿيل اڳوڻي ٽرينر ڪم هونگ ڪوانگ موجب انهن نوجوانن کي رڳو پروگرامنگ نہ، پر ڪرپٽو ڪرنسيءَ جي نظام، پرڏيهي اليڪٽرانڪ اوزارن جي بناوٽ ۽ ڪمپيوٽرن جي حفاظتي نظام ۾ خامين ڳولڻ جي تربيت پڻ ڏني وڃي ٿي. ڪين اعليٰ رياضي ۽ پرڏيهي ٻوليون بہ سيکاريون وڃن ٿيون. ڪامياب هيڪرن کي ملڪ ۾ خاص مراعتون ملن ٿيون. ڪين پرڏيهي ڪرنسيءَ ۾ انعام، گاديءَ واري شهر پيانگ يانگ ۾ وڏا فليٽ ۽ خاندان سميت رهڻ جي سهولت ڏني وڃي ٿي. ڪجھ کي حڪمران جماعت جي رڪنيت ۽ بااثر خاندانن ۾ شاديءَ جا موقعا پڻ ملن ٿا.

اتر ڪوريا 1998ع ۾ پنهنجو سائبر يونٽ قائم ڪيو هو پر ڪم جونگ اُن جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ان پروگرام کي وڌيڪ اهميت ڏني وئي. 2013ع ۾ هن سائبر جنگ کي ايٽمي هٿيارن ۽ ميزائلن سان گڏ ملڪ جي اهم دفاعي ۽ حملي واري صلاحيت قرار ڏنو. ڏکڻ ڪوريا جي انٽيليجنس اداري جي 2024ع واري اندازي موجب اتر ڪوريا جي سائبر جنگي سرگرمين ۾ لڳ ڀڳ 8,400 ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن. هاڻي انهن حملن ۾ مصنوعي ذهانت جا اوزار بہ استعمال ٿين ٿا. هيڪر جعلي نوڪرين جا انٽرويو ۽ سافٽ ويئر استعمال ڪري ڪمپنين جي ڪمپيوٽرن تائين پهچ حاصل ڪن ٿا. بائنانس جي بيان موجب تازي حملي ۾ بہ جعلي نوڪريءَ جي انٽرويو ذريعي عملي جي ڪمپيوٽرن تائين رسائي حاصل ڪئي وئي ۽ پوءِ ڪمپنيءَ جي اندروني مصنوعي ذهانت واري اوزار کي استعمال ڪيو ويو. 'لازارس' نالي هيڪنگ گروپ تي بہ ماضيءَ ۾ وڏين ڪرپٽو ڪرنسي چورين جا الزام لڳندا رهيا آهن.

سائبر سيڪيورٽيءَ جي ماهرن موجب سرڪاري سرپرستيءَ سبب اتر ڪوريا جي هيڪرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ڏکيو آهي. هاڻي سندن ڌيان وڏن مالي ادارن ڏانهن وڌي رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اتي هڪ ڪامياب حملي سان وڏي رقم حاصل ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح اسڪولن مان چونڊيل ٻار سالن جي تربيت کان پوءِ اتر ڪوريا جي ان سائبر فوج جو حصو بڻجن ٿا، جنهن جون ڪارروايون دنيا جي وڏن مالي ادارن لاءِ خطرو بڻيل آهن.



The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڏيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 08 نومبر 2026ع

ٿرپارڪر ۾ ڏڪار سبب هنگامي قدم کڻڻ جي ضرورت

سنڌ حڪومت پاران ٿرپارڪر کي 'آفت ستيل ضلعو' قرار ڏيڻ يقيناً هڪ اهم ۽ وقتائتو فيصلو آهي. سوال آهي ته ڇا رڳو آفت ستيل قرار ڏيڻ سان ٿر واسين جون تڪليفون ختم ٿي وينديون؟ پر ان لاءِ اعلانن کان اڳتي وڌي عملي ۽ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻا پوندا. برساتن جي نه ٿيڻ جي ڪري يا گهٽتائي سبب علائقي جي زراعت تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي وئي آهي. جڏهن ته ماڻهن جي گذر سفر جو اهم ذريعو بڻيل چوپايو مال به خطري ۾ اچي ويو آهي. رپورٽ موجب گذريل ڏينهن وڏي وزير جي صدارت ۾ ٿرپارڪر جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ لاڳاپيل ڌرين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ٿرپارڪر جي ستن ئي تعلقن ۾ ڏڪار جهڙي صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي. جتي 85 کان 90 سيڪڙو تائين فصل تباهه ٿي چڪا آهن. سيپٽمبر 2026ع دوران ستن ئي تعلقن ۾ رڳو هڪ کان 36 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي آهي. جنهن سبب پوکيل فصل ۽ قدرتي گاهه پچڻ کان اڳ ئي سڪي ويو آهي. اهي انگ اکر صرف زرعي ٿيل نقصان ناهن پر ٿر جي لکين ماڻهن جي معاشي بدحالي، خوراڪ جي کوٽ ۽ روزگار جي وسيلن تي پوندڙ اثرن جو هڪ مثال آهي.

ٿر جي ماڻهن جي زندگيءَ جو دارومدار گهڻي ڀاڱي برساتي زراعت ۽ چوپائي مال تي آهي. جڏهن برساتون نٿيون پون ته فصل سڪي وڃن ٿا. چراگاهون ختم ٿي وڃن ٿا ۽ چوپائي مال لاءِ گاهه ۽ پاڻيءَ جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ غريب هاري ۽ مالوند ماڻهو متاثر ٿين ٿا. هڪڙي پاسي سندن فصلن جي صورت ۾ محنت ضايع ٿئي ٿي ته ٻئي طرف مال جي سار سنڀال ۽ خوراڪ جو خرچ برداشت ڪرڻ به ڏکيو ٿئي ٿو نتيجي ۾ ڪيترائي خاندان پنهنجو گذر سفر جاري رکڻ لاءِ قرض کڻڻ يا لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. ڏڪار جي موجوده صورتحال ۾ رڳو انسانن کي پاڻي فراهم ڪرڻ ڪافي نه هوندو پر چوپائي مال جي تحفظ لاءِ به جامع حڪمت عملي جوڙڻ ضروري آهي. ٿر جو مالوند طبقو پنهنجي مال کي ملڪيت سان گڏ زندگيءَ جو سهارو سمجهي ٿو ان ڪري متاثر علائقن ۾ مال لاءِ مفت يا رعايتي بنيادن تي گاهه، پاڻي ۽ ضروري طبي سهولتون هنگامي بنيادن تي فراهم ڪيون وڃن. ساڳئي وقت فصلن جي نقصان جو شفاف سروي ڪرائي متاثر هارين کي مالي امداد ۽ ايندڙ پوک لاءِ ٻج ۽ زرعي سهولتون ڏنيون وڃن. جيئن هو ايندڙ موسم ۾ ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. سوال آهي ته ٿر ۾ ڏڪار جي صورتحال هر سال پيدا ٿيڻ باوجود مستقل حل لاءِ جوڳا انتظام ڇو نٿا ڪيا وڃن؟ ٿر جي جاگرافيائي ۽ موسمياتي حالتن کي نظر ۾ رکندي پاڻيءَ جي ذخيرن، ننڍن ڊيمن، تلائن، برساتي پاڻي گڏ ڪرڻ جي منصوبن ۽ پائيدار آبپاشي نظام تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. پاڻيءَ جي ڊگهي مدي واري منصوبابنديءَ سان گڏ ڏڪار جي اڳواٽ سڃاڻپ ۽ ان جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ به مستقل نظام جوڙڻ گهرجي.

ٿرپارڪر کي آفت ستيل ضلعو قرار ڏيڻ ڪانپوءِ هاڻي حڪومت جي اصل ذميواري شروع ٿئي ٿي. امدادي سرگرمين جي شفافيت، فنڊن جو درست استعمال، متاثر خاندانن تائين بنا ڪنهن فرق جي امداد جي پهچ ۽ انتظامي عملدارن جي مسلسل نگراني يقيني بڻائڻ گهرجي. وڏي وزير جو چوڻ آهي ته ٿرپارڪر جي عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو، پر ان بيان جي حقيقي اهميت تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن ٿر جي هر متاثر ڳوٺ تائين حڪومتي مدد پهچندي. ان سان گڏ ٿر کي صرف ڏڪار وقت ياد ڪرڻ بدران سڄو سال ترقي، پاڻي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ سان مضبوط بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن.


لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏِٺِ ڏِري ڀَٽِ ڀَيِيون، وِڃَنِ ڪِئُو واڄَو
ڀَڳو ڀَنهِنجي پِرِيَنءَ لاءِ، سَڀِي ڪَرِ سَاڄَو
سَجَڻُ سَبَاجَهو ڀَيجَ ڀِنيءَ گهرِ آيو

لطيف سائين ڪيڻ جو ڪڪرن سان گڏ وڏي گجگوڙ واري آواز ۽ تيز جمڪاٽن ڪرڻ واري انداز کي واڄي سان ڀيٽيو آهيو ۽ اهو واڄو اصل ۾ جنگ کان پهريان وڄيون پيڙين يا طبل وڄائڻ کي چوندا هيا ته "واڄا پيا وڄن". اهو ڇڻ ويڙهه يا جنگ جو اعلان هوندو هو. (هتي عورت جمع طور ڪم آندل آهي) تنهن ڪري انهن عورتن کي ٻڌائي ٿو جن جا مڙس، سيڻ سڄڻ ڏورانهن علائقن ڏانهن گذران لاءِ ڪمائڻ ويندا هئا ۽ سانوڻ جي رُتِ ۾ واپس ورندا هئا. هاڻ جڏهن ڪيڻ يا وڄون واڄا وڄائيندي ڊٽ کان ڦيرو ڪائي ميداني علائقن تي اچي ڀهتيون آهن ته توهان اجا ويسلي ويٺي آهيو! اٿي پنهنجي محبوب مڙس لاءِ پڪو سڀي ساڄو ته ڪر ان کي سينگاري صاف ڪري تيار ڪر ڇو ته تنهنجو سڄڻ سڀاڄهو، مهربان، پيار ڪندڙ ور جيڪو مسافريءَ ۾ آهي اهو رات جو پوئين پهر پرهه ڦٽيءَ مهل يعني سج نڪرڻ کان اڳ ئي گهر اچي پهچندئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

آمريڪا ۽ اسرائيل جون چونڊون ۽ دنيا جو بدلجندڙ حالتون!


اياز وگهيو

عالمي سياست ۾ چونڊون رڳو اقتدار جي تبديليءَ جو نالو ناهن هونديون پر اهي ملڪن جي پرڏيهي پاليسين، جنگ ۽ امن جي فيصلن توڙي عالمي طاقت جي توازن تي به اثرانداز ٿينديون آهن. هلندڙ مهيني ۾ آمريڪا جي مڊٽرم چونڊن ۽ اسرائيل جي پارلياماني چونڊن ڪانپوءِ وچ اوڀر جي سياسي صورتحال هڪ نئين موڙ تي پهچي وئي آهي. انهن چونڊن جا اثر ايران، فلسطين، سعودي عرب ۽ پاڪستان جي سفارتي حڪمت عمليءَ تائين محسوس ڪري سگهجن ٿا.

آمريڪا ۾ 3 نومبر تي ٿيل مڊٽرم چونڊن ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽي سينيٽ ۽ هائوس آف ريپريزنٽيٽوز ٻنهي ۾ اڪثريت حاصل ڪري ورتي آهي. اها ڪاميابي صدر ڊونلڊ ٽرمپ لاءِ هڪ اهم سياسي چئلينج بڻجي سامهون آئي آهي. خاص طور تي ايران سان جنگ، وڌندڙ مهانگائي، توانائيءَ جي قيمتن ۽ آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ بابت عوامي خدشن چونڊن جي نتيجن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هاڻي ٽرمپ انتظاميا کي قانونسازي، بجيٽ ۽ حڪومتي فيصلن ۾ ڪانگريس جي نئين اڪثريت سان سياسي مقابلو ڪرڻو پوندو. جيتوڻيڪ صدر وٽ پرڏيهي پاليسيءَ جا اهم اختيار برقرار رهندا پر ڪانگريس جي نگراني ۽ دٻاءُ سندس فيصلن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو.

ٻئي طرف اسرائيل ۾ 27 آڪٽوبر تي ٿيل چونڊن ڪانپوءِ سياسي صورتحال اڃا واضح ناهي. بنيامين نيتن ياهو جي ليڪوڊ پارٽي 27 سيٽون حاصل ڪري سڀ کان وڏي پارٽي بڻجي سامهون آئي پر سندس اتحاد 120 رڪني پارليامينٽ ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ گهربل 61 سيٽون حاصل نه ڪري سگهيو. گادي آئزنڪوٽ جي مخالف ڌر کي به واضح اڪثريت حاصل نه ٿي. عرب پارٽين جون 19 سيٽون حڪومت ناهڻ واري عمل ۾ اهم بڻجي ويون آهن. آئزڪ هرزوگ کي هاڻي اهڙو اميدوار نامزد ڪرڻو آهي، جيڪو پارلياماني اتحاد ناهي سگهي.

هن صورتحال جو سڀ کان اهم پاسو ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ آهي. آمريڪا جي اندر جنگ بابت وڌندڙ سياسي اختلاف ٽرمپ انتظاميا لاءِ هڪ نئون دٻاءُ پيدا ڪري سگهن ٿا. ڊيموڪريٽڪ اڪثريت ايران سان جنگ جي خرچن، آمريڪي فوجي حڪمت عملي ۽ اسرائيل کي فراهم ٿيندڙ فوجي امداد بابت وڌيڪ سوال اٿاري سگهي ٿي. تنهن هوندي به اهو سمجهڻ درست نه ٿيندو ته ڪانگريس جي تبديليءَ سان آمريڪا جي ايران يا اسرائيل بابت پاليسي فوري طور تبديل ٿي ويندي.

فلسطين جو مسئلو به هن نئين سياسي صورتحال ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. غزه جي تباهي، انساني بحران، فلسطينين جي خودمختياري ۽ اسرائيلي آبادڪاريءَ بابت آمريڪي سياست ۾ اختلاف وڌيڪ نمايان ٿي سگهن ٿا. پر اصل امتحان اهو هوندو ته ڇا سياسي بيانن کي عملي سفارتي قدمن ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو يا نه. پاڪستان لاءِ به اها صورتحال غيرمعمولي اهميت رکي ٿي، ڇو ته پاڪستان جا ايران، سعودي عرب، آمريڪا ۽ ٻين نار ملڪن سان سياسي، دفاعي ۽ معاشي لاڳاپا آهن. اهڙي ماحول ۾ پاڪستان کي ڪنهن هڪ ڌر جي دٻاءُ هيٺ اچڻ بدران پنهنجي قومي مفادن، علائقائي امن ۽ متوازن سفارتڪاريءَ کي اوليت ڏيڻ گهرجي. ايران سان سرحدي سلامتي، سعودي عرب سان معاشي لاڳاپا ۽ آمريڪا سان سفارتي رابطن کي گڏ کڻي هلڻ وقت جي ضرورت آهي.

آمريڪا ۽ اسرائيل جون چونڊون اهو سوال ٻيهر کڻي آيون آهن ته ڇا وچ اوڀر ۾ جنگ ۽ طاقت جي سياست بدران سفارتڪاري، ڳالهين ۽ عالمي قانون کي اهميت ملندي؟ دنيا کي هاڻي نون سياسي اتحادن کان وڌيڪ پائيدار امن جي ضرورت آهي. پاڪستان لاءِ به اهو موقعو آهي ته هو علائقائي استحڪام، ايران ۽ نار جي ملڪن ۾ رابطن ۽ فلسطينين جي جائز حقن لاءِ اصولي سفارتي ڪردار ادا ڪري. تاريخ ٻڌائي ٿي ته جنگيون طاقت سان شروع ٿي سگهن ٿيون پر انهن جو پائيدار حل ڳالهين ۽ انصاف سان ئي ممڪن ٿيندو آهي.

ڏياريءَ جو ڏيک، لاباري جي لاپ سان!


رميش راجا

ڪنهن فصل جي جشن واري دسترخوان تائين پهچڻ کان اڳ، ان کي ڪيترن ئي مهينن جي ٻي يقينيءَ مان گذرڻو پوي ٿو. ڪو زمين تيار ڪري ٿو. ڪو ميڻهن جو انتظار ڪري ٿو. ڪو موسم تي نظر رکي ٿو ۽ اميد ڪري ٿو ته فصل سلامت رهندو. جڏهن آخرڪار اَن گهر پهچي ٿو تڏهن اطمينان خوشيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿو. خاندان گڏ ٿين ٿا. ڪاٺو ورهايو وڃي ٿو. قدرتيءَ جي سخاوت، انسان جي شڪرگذاريءَ ۾ پنهنجو اظهار ڳولي ٿي.

ڏياري جيڪو اڄ (8 نومبر) تي ملهائجي رهيو آهي جڏهن ته آمريڪي ٿئنڪس گونگ (Thanksgiving) يعني شڪرگذاريءَ جو ڏڻ 26 نومبر تي ملهايو ويندو ٻنهي جو هڪ ئي مهيني ۾ اچڻ قدرتيءَ تي جنم وٺندڙ روايتن جي هڪ اهڙي ميلاپ جو موقعو ڏئي ٿو جيڪي فصل تئين شروعات، خاندان ۽ وڏن ورچ جي رشتن سان پاڙ ۾ ڳنڍيل آهن ڏياريءَ کي عام طور روشنين جي ڏڻ طور سڃاتو وڃي ٿو پر ان جي زرعي ۽ موسمياتي حيثيت به اوتري ئي ڌيان جي لائق آهي يونيسڪو ڊيوالِيءَ کي سال جي آخري فصل ۽ نئين سال توڙي نئين منڍ جي شروعات جو ڏڻ قرار ڏئي ٿو ان پسمنظر ۾ روشني ڪامياب فصل کان پوءِ جنم وٺندڙ اميد ۽ زندگيءَ جي هڪ ٻئي چڪرجي واعدي سان گڏ هلي ٿي براداري لاءِ خوشحالي ڪا اڻٽل شيءِ نه هئي، سانڍڻ لاءِ اَنُ ايندڙ پوک لاءِ ٻج، صحتمند چوپايو مال ۽ گهر ڀاتين جي گذر سفر لاءِ ڪافي ڪاٺو ڏڻ جي ڏيٺي کي ان دنيا جي پسمنظر ۾ سمجهي سگهجي ٿو جنهن جو دارومدار مٽيءَ، پاڻيءَ ۽ موسمن جي ڦيرگهير تي هو گهرن جي صفائي، ڪاڻن جي تياري ۽ مٽن ماٽن جو گڏ ٿيڻ تئين شروعات کي هڪ محسوس ڪري سگهجندڙ صورت ڏين ٿا.

اهو تعلق فطري طور اسان جي سوچ کي ڏکڻ ايشيا جي قديم زرعي سماجن ڏانهن وٺي وڃي ٿو جن ۾ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب به شامل آهي موهن جي دڙي، هڙاپا ۽ ٻين وسندين جا ماڻهو زراعت، هنر ۽ واپار وسيلي پنهنجي سماجن جو گذر سفر هلائيندا هئا. هنن جا اهڙا قدم اسان کي ياد ڏيارين ٿا ته هن خطي جي تاريخ جون پاڙون قدرتيءَ ۾ ڪيڏيون نه مضبوط آهن ڏياريءَ جو خريف جي فصل ربيع جي پوک ۽ هيمنت جي منڊ ڏانهن موسمياتي تبديليءَ سان قديم لاڳاپو آهي ان کي رام جي واپسيءَ سان ڳنڍيندڙ روايت کي اڪثر پوءِ جي نسبت طور سمجهيو وڃي ٿو هندو روايت موجب لڪشميءَ جو تعلق هڪ اڳوڻي ڪاٺاتي دور، ست يگ، سان آهي ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌس پوڄا رام کان به اڳ ٿيندي هئي رام جو خاندان به سنڌس پوڄا ڪندو هو ان تقطي نظر کان ممڪن آهي ته رام چوڏهن سالن جو بنواس پورو ڪري اڳ ئي ملهائجندڙ ڪنهن سياڳي ڏڻ جي موقعي تي موٽيو هجي.

ڏياري ڪيترائي مذهبي مفهوم به رکي ٿي ڪيترائي هندو پاڙ ان کي بنواس کان پوءِ رام جي ايوڌيا واپسيءَ سان ڳنڍين ٿا. ٻيون روايتون ڪرشن ۽ نرڪاسُر جي ڪٿا يا خوشحاليءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ لڪشميءَ جي پوڄا کي اهميت ڏين ٿيون جين ڌرم جا پيروڪار مهاوير جي مُڪتيءَ کي ياد ڪن ٿا. سک به ان ئي عرصي دوران بنديءَ چوڙ ڏوس ملهائين ٿا، جيڪو گرو هرگوبند جي قيد مان آزاديءَ جي ياد ۾ ملهايو وڃي ٿو ڪي نيوار ٻڌ ڌرم جا پيروڪار به پنهنجي روايتن موجب هيءَ ڏڻ ملهائين ٿا. مختلف معنائون ظاهر ڪن ٿيون ته هڪ ڏڻ ڪيترن قسمن جون ٻوليون پاڙ ۾ سنڀالي سگهي ٿو موسمي گهرڀلو روحاني ۽ اجتماعي ان جي اهميت کي ڪنهن هڪ ڪهاڻيءَ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي.

سمنڊ جي ٻئي پار، ٿئنڪس گونگ به فصل کي گهر جي دسترخوان تائين آڻي ٿو ان جي مشهور آمريڪي روايت 1621ع ۾ پلي مٿ ۾ ٿيل هڪ گڏجاڻيءَ کي ياد ڪري ٿي جنهن ۾ انگريز آبادڪار ۽ واپيانوئگ قوم جا ماڻهو شامل هئا انهن سان گڏ سنڌن اڳواڻ اوساميڪوئن به هو جيڪو عام طور تي ماساسوئٽ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ان وقت جو هڪ محفوظ انگريزي احوال ٽن ڏينهن جي دعوتن ۽ لڳ ڀڳ نوي واپيانوئگ مردن جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪري ٿو پر آمريڪا ۾ شڪرگذاريءَ جي شروعات ان ڳنڍجاڻيءَ سان نه ٿي هئي اتان جي اصلوڪن ماڻهن وٽ اڳ ئي شڪر ادا ڪرڻ جون پنهنجون روايتون موجود هيون نه ئي پلي مٿ جي ان دعوت، اڄوڪي سليباتي قومي موڪل کي هڪدم جنم ڏنو هو.

آمريڪي ڏڻ صدين جي سفر ۾ پنهنجي صورت اختيار ڪندو ويو ليکڪا ۽ ايڊيٽر سارا جوزيفا هيل شڪرگذاريءَ جو قومي ڏينهن مقرر ڪرائڻ لاءِ مهم هلائي 1863ع ۾ گهرو ويڙهه دوران، صدر ابراهام لنڪن هڪ اعلان جاري ڪيو جنهن ۾ شڪر ادا ڪرڻ ۽ جنگ سبب تڪليفون سهندڙ ماڻهن کي ياد ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي ٿئنڪس گونگ جي دسترخوان تي ڪاتي سان گڏ ياڻون به رکيل هونديون آهن ڪا خالي ڪرسي وڃايل ويل ڪنهن پياري جي ياد ڏياري سگهي ٿي ڪا واڌو ڪرسي گهر کان پري رهندڙ ڪنهن ماڻهوءَ جي آجيان ڪري سگهي ٿي ڪنهن خانداني کاڌي جي ترڪيب، ڏاڏيءَ يا نانيءَ جو آواز خاموش ٿي وڃڻ کان گهڻو پوءِ به سنڌس موجودگيءَ جو احساس زنده رکي سگهي ٿي پر ٿئنڪس گونگ سان ڏکوئيندڙ ياڻون به لاڳاپيل آهن ڪجهه اصلوڪن آمريڪين لاءِ اهو قومي سوڳ جو ڏينهن آهي جيڪو ڪين پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل ٿيڻ تشدد ۽ نوآبادياتي قبضي سان لاڳاپيل نقصانن جي ياد ڏياري ٿو هڪ سچي جشن ۾ انهن آوازن لاءِ به جاءِ هجڻ گهرجي شڪرگذاري تڏهن وڌيڪ گهري ٿئي ٿي جڏهن ان ۾ اها سمجهه به شامل هجي ته اها دعوت ڪنهن جي زمين علم ۽ محنت جي سهاري ممڪن ٿي.

ٻنهي ڏڻن جو دائرو تمام وسيع آهي جيتوڻيڪ انهن کي ملهائيندڙن جو انگ هڪٻئي سان ڀيٽ وسيلي نٿو ڪري سگهجي ڏياريءَ بابت عام طور تي چيو وڃي ٿو ته ان کي هڪ ارب کان وڌيڪ ماڻهو ملهائين ٿا. پسمنظر طور، پيو ريسرچ سينٽر جي 2025ع ۾ شايع ٿيل ڪاٿي موجب 2020ع ۾ دنيا جي هندو آباديءَ لڳ ڀڳ 1.2 ارب هئي ٻين مذهبي برادرين به ان ۾ حصو وٺن ٿيون پر ڪنهن مذهب جي آباديءَ جا انگ اکر ڏڻ ملهائيندڙن جي آدمشماري ناهن آمريڪي ٿئنڪس گونگ بابت، نومبر 2024ع ۾ ڪيل پيو جي هڪ سروي موجب آمريڪا جي 91 سيڪڙو بالغن اهو ڏڻ ملهايو اهو ان جي وسيع قومي مقبوليت کي ظاهر ڪري ٿو. جيتوڻيڪ اهو سچي دنيا ۾ ان کي ملهائيندڙ سيني ماڻهن جي صحيح ڳڻپ ناهي انهن وڏن انگن جي پويان ڪي انتهائي پنهنجائپ ڀريا منظر آهن هوا ڪان ڏيئي کي بچائيندڙ ڪو ٻار، مٺايون تيار ڪندڙ ڪا ماءُ يا ڪو پيءُ، گهر ڏانهن سفر ڪندڙ ڪو شاگرد، رات جي مانيءَ تي ڪنهن ٻئي لاءِ به جاءِ ناهيندڙ ڪو ميزبان اهڙن خيال ۽ محبت ڀرين عملن سان ئي ڏڻ معنائون ماڻين ٿا.

ٻنهي ڏڻن جو هڪ ئي مهيني ۾ اچڻ ڪنهن گڏيل تاريخي بنياد کي ثابت نٿو ڪري. اهو اسان کي هڪ گڏيل انساني دارومدار سڃاڻڻ جو موقعو ڏئي ٿو ڪاٺو هارين پورهيتن مال ڀوئيندڙن، دڪاندارن ۽ رڌ پچاءُ ڪندڙن جي محنت وسيلي اسان تائين پهچي ٿو هر ويلي جي مانيءَ جو سهارو پاڻي مٽي ۽ رهڻ لائق آبهوا آهن خوشحالي اهڙن رشتن تي بيٺل آهي جن کي روزمره جي زندگيءَ ۾ اسين اڪثر نظرانداز ڪري ڇڏيون ٿا.

اسان لاءِ خاص طور تي سنڌ جي زرعي سماج ۾ اهو تعلق جاتل سڃاتل آهي. فصل روزيءَ جو وسيلو آهي. منڊ هڪ اميد آهي ۽ پاڻي ڪنهن خاندان جي مستقبل جو فيصلو ڪري سگهي ٿو اهو ڏڻ اسان جو ڪاٺو اپائيندڙ ماڻهن لاءِ احترام ۽ مذهبي حدن ڪان معاشين دوستيءَ کي هٿي ڏئي سگهن ٿا. ڪنهن هندو پاڙيسريءَ کي ڏڻ جي واڌائي ڏيڻ، اڪيلي رهندڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي دعوت ڏيڻ، ڏکيائين کي منهن ڏيندڙ ڪنهن خاندان سان ماني ونڊڻ يا ڪنهن پورهيت کي سندس محنت جو واجب اجورو ڏيڻ، جشن جي روح کي ان جي مقرر ڏينهن کان اڳتي وٺي وڃي سگهي ٿو. هن نومبر ۾ ڏيئو ۽ فصل سان سجايل دسترخوان، اسان کي به سڀاجهيون يادگيريون ڏين ٿا، جيڪو زندگيءَ کي سهارو ڏئي ٿو تنهن جو قدر ڪريو ۽ ان کي ٻين سان پڻ ونڊيو.

ڏياري ۽ سنڌ ۾ سماج سازيءَ جون روايتون!


ذوالفقار خاڪي

سنڌ ۾ رب پاڪ جا نوازيل انسان سماج سازيءَ وارو ڪردار نڀائڻ کان ڪڏهن به بيزار نه ٿيا هوندا سنڌو درياءَ ۾ جڏهن ٻارهن ئي مهينا پاڻي هوندو هو سنڌي تڏهن به ٻڪَ ۽ ڏُڪَ ۾ ملي ڪري ڪاٽڻ جا رواداز هئا ۽ هاڻ جڏهن رب پاڪ جي خلقيل عظيم نعمت پاڻيءَ تي ماڻهن ڪٽڻ جي خوف سبب بند ٻڌي ڇڏيا آهن تڏهن پڻ هتان جي ماڻهن جا سخاوتن جا سلسلا جاري آهن جيئن سماج سازي جو وظيفو جاري ساري رهي سگهي ان حوالي سان ڏٺل هڪ منظر اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو ته جيئن سنڌ ۾ سماج سازيءَ جو سلسلو وڌيڪ تيز ٿي سگهي ۽ اسين اهڙين خبرن ڏسڻ ۽ پڙهڻ کان بچي وڃون، جن ۾ ٻکن يا ڏُکن سبب آپگهات وغيره جهڙا واقعا رپورٽ ٿيل هجن ٿا. اڄ سموري دنيا ۾ روشنيءَ جو تهوار ڏياري ملهايو پيو وڃي ڏياريءَ جو ڏڻ هند توڙي سنڌ ۾ روشنين جو تهوار تسليم ٿيل آهي ان حوالي سان شاعرن خوب شعر سرجيا آهن مثال طور هڪ شاعر چيو ته:

جن جون اکيون روئن ٿيون، تن جي مرڪ موٽائي ڇڏ
هر ٽٽل دل جي اندر اميدن جا ڏيئا جلائي ڇڏ

اميدن جا ڏيئا ڪيئن جلايا ويندا آهن اهو ڏسڻ لاءِ اوهان به راقم الحروف وانگر وقت ڪڍي ڪڏهن عمرڪوٽ ويجهو راڻا جاگير ڳوٺ ۾ راڻا همير سنگهه جي حويليءَ ٻاهران هڪ منظر ڏسڻ وڃي سگهو ٿا. جتي هڪڙو منظر ڏسڻ ڪافي آهي جنهن ۾ اوهان ڏسندا ته ماني مهل ڪيئي ضرورتمند خلي ٿانوَ کڻي ڏاٽ جي راڻي همير سنگهه جي رڌڻي مان ماني وٺڻ ايندا آهن ۽ اٿين ٻکَ، ڏکَ ۽ اهڃن جي اوڌاهه ڪان پاڻ بچائيندا آهن بهرحال جيڪڏهن سنڌ ۾ هندو برادريءَ جا سرنٽي وارا راڻا همير سنگهه جي نقش قدم تي هلن ته هوند ڪيترائي هندو خاندان پريشانين کان بچي سگهن.

سنڌ ۾ هندو برادريءَ جي ڏُکن ۽ اهڃن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟ ان بحث کي پاسيرو رکي اسان کي ڏياريءَ جي هن موقعي تي اهو ڏسڻ گهرجي ته سنڌي هندن کي ڪهڙي ريت خوش ڪجي؟ جيئن انهن جي دل تسليم ڪري ته هو سنڌ ۾ محفوظ آهن ان حوالي سان پڻ اپاءُ کڻڻ جي ضرورت آهي ان لاءِ سنڌ حڪومت کي گذارش ٿي ڪجي ته هندو مسلم ايڪتا جا خاص فورم جوڙيا وڃن جيئن سنڌ ۾ ڏياري جي ڏيئن جهڙي روشني سنڌي سماج جي سندر منظر ڪشي ڪري سگهي.

تعليمي ادارن جي سيني ۾ سمايل تاريخ ۽ اسان جي ذميواري!


منظور ڪوسو

تعليمي ادارا فقط سرن، سيمينٽ ۽ پٿرن سان اڏيل عمارتون جو نالو ناهي پر اهي ڪنهن به سماج جي علمي ادبي فڪري ۽ تهذيبي سڃاڻپ جا امين هوندا آهن انهن جي ڇوديوارن اندر رڳو ڪلاس رومز ڪوريڊورز ۽ ڪمرن جو جهان نه پر قومن جي تاريخ جا ڪيترائي اڻ وسرندڙ باب سمايل هوندا آهن انهن ادارن جي حقيقي عظمت سندن عمارتن جي اوچائي فرنيچر جي خوبصورتي يا جديد سهولتن ۾ نه پر انهن جي علمي روايتن فڪري تحريڪن ادبي سرگرمين ۽ انهن عظيم شخصيتن ۾ سمايل هوندي آهي جن جي تعليم ۽ تربيت انهن ادارن جي ڇانوَ ۾ ٿي هوندي آهي دنيا جي ڪيترن ئي ترقي يافته ملڪن ۾ تعليمي ادارن جي تاريخ ۽ علمي ورثي کي غير معمولي اهميت ڏني وڃي ٿي اتي ادارن جي سڃاڻپ رڳو موجوده تعليمي معيار سان نه پر انهن جي تاريخي پسمنظر اڳوڻن شاگردن جي ڪاميابين ۽ علمي خدمتن سان هوندي آهي مثال طور برطانيا جو ايٽن ڪاليج (Eton College) ۽ هيرو اسڪول (Harrow School)، آمريڪا جو فلپس اڪيڊمي اينڊوور (Phillips Academy Andover) ۽ برونڪس هاءِ اسڪول آف سائنس (Bronx High School of Science) جهڙا ادارا اهڙن جي ڪيئي ادارا آهن جيڪي پنهنجي تاريخي ۽ علمي ورثي کي محفوظ رکڻ لاءِ مختلف انتظام ڪن ٿا انهن ادارن سان لاڳاپيل نامور شخصيتن جي ڪاميابين تصويرن، دستاويزن ۽ تاريخي رڪارڊ کي محفوظ ڪري ايندڙ نسلن آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو اهڙيءَ طرح آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج جهڙيون علمي شهرت رکندڙ يونيورسٽيون به پنهنجي علمي روايتن نامور استادن، محققن اديبن سائنسدانن ۽ اڳوڻن شاگردن جي تاريخ کي پنهنجي سڃاڻپ جو اهم حصو بڻائين ٿيون انهن ادارن ماضيءَ کي وسارڻ بدران ان کي حال سان ڳنڍيو آهي ۽ مستقبل جي تعمير جو ذريعو بڻايو آهي پاڙت جا به ڪيترائي تعليمي ادارا ان حوالي سان قابل ذڪر آهن پريزيڊنسي يونيورسٽي ڪولڪتا، سينٽ اسٽيفنز ڪاليج دهلي ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي بمبئي جهڙن ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۾ اڳوڻن شاگردن جي علمي ادبي سائنسي سياسي ۽ سماجي خدمتن کي مختلف صورتن ۾ محفوظ ۽ نمايان ڪيو وڃي ٿو اهڙن ادارن ۾ ايلومنائي هال آف فيم (Alumni Hall of Fame)، ڊسٽنگئشڊ ايلومنائي گيلري (Distinguished Alumni Gallery) ۽ هيريٽيج گيلري (Heritage Gallery) جهڙا قدم تعليمي ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا انهن جي ويب سائيٽن ميوزيمن ۽ تاريخي رڪارڊ ۾ به اهڙين شخصيتن ۽ ادارن جي شاندار ماضيءَ کي محفوظ ڪيو ويو آهي افسوس جو اسان وٽ ان ڏس ۾ اهڙي سنجيدگي نظر نٿي اچي سنڌ جا تعليمي ادارا پنهنجي دامن ۾ علم، ادب، سياست، صحافت، سائنس ۽ سماجي خدمتن جون بيشمار تاريخون رکن ٿا پر انهن تاريخن کي سهيڙڻ، محفوظ ڪرڻ ۽ ايندڙ نسل تائين پهچائڻ لاءِ اسان جا ادارا اڃا تائين ڪا منظم روايت قائم نه ڪري سگهيا آهن ڪيترن ئي اسڪولن جي موجوده انتظاميا کي شايد اها به خبر نه هوندي ته سندن ادارن مان ڪهڙيون عظيم شخصيتون تعليم حاصل ڪري نڪتيون، جن اڳتي هلي پنهنجي علم، فڪر ۽ عمل سان سنڌ توڙي دنيا ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيو سنڌ جي تاريخ اهڙين باهمت ۽ باصلاحيت شخصيتن سان ڀري پئي آهي جن انتهائي غربت، تنگدستي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ باوجود پنهنجي محنت، مستقل مزاجي ۽ علم سان عشق جي حد تائين محبت ڪري وڏا مرتبا حاصل ڪيائون انهن مان ڪيترن کي نه جديد اسڪولن ليبارٽرين لائبريرين ۽ ٻين تعليمي سهولتن تائين رسائي به حاصل نه هئي انهن شخصيتن جي جدوجهد جون ڪهاڻيون رڳو سندن ذاتي ڪاميابين جو احوال ناهن پر اهي ايندڙ نسلن لاءِ اتساهه، حوصلي ۽ اميد جا روشن ڏيئا آهن سوال اهو آهي ته ڇا اسان انهن شخصيتن جي تعليمي سفر جي شروعاتي ماڳن کي محفوظ ڪيو آهي؟ ڇا اسان کي خبر آهي ته اهي ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهيا، ڪهڙي وڻ هيٺان ويهي سبق ياد ڪيائون، ڪهڙي استاد سندن ذهن ۾ علم جي روشني پيدا ڪئي ۽ ڪهڙي ماحول ۾ سندن فڪري تربيت ٿي؟ اسان کي رڳو وڏين ۽ جديد تعليمي عمارتن کي محفوظ ڪرڻ تي اڪتفا نه ڪرڻ گهرجي پر انهن ڪچن اسڪولن پراڻن مڪتبن، مدرسن اوطاقن ۽ مسجدن کي به تاريخي ورثو سمجهي محفوظ ڪرڻ گهرجي جتي سنڌ جي ڪيترن ئي عظيم شخصيتن پنهنجي علمي سفر جي شروعات ڪئي جن وڻن جي ڇانوَ هيٺان ويهي علم جا پهريان سبق پڙهندا هئا، جيڪڏهن اهي وڻ اڄ به موجود آهن ته انهن جي تاريخي اهميت کي به دستاويزي صورت ۾ محفوظ ڪيو وڃي جي اسان جي ڪيترن ئي اڪابرن نامور شخصيتن وٽ بجليءَ جي سهولت نه هوندي هئي آهي رات جي اونداهين ۾ ميونسپلٽين جي گهٽين ۾ لڳل بتين هيٺان ويهي پڙهندا هئا. آهي بتيون سندن لاءِ رڳو روشنيءَ جو ذريعو نه پر علم جي جستجو محنت ۽ جدوجهد جون علامتون هيون ڇا اسان اهڙن تاريخي هنڌن ۽ شين کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ ڇا انهن گهٽين پراڻين بتين ۽ انهن سان لاڳاپيل واقعن کي پنهنجي شهرن جي تاريخ جو حصو بڻايو آهي؟ حقيقت اها آهي ته اهي ننڍڙا ۽ بظاهر معمولي منظر به ڪنهن قوم جي علمي تاريخ جا انتهائي قيمتي حوالا آهن اسان کي ان طرف توجه ڏيڻ گهرجي ڪارڻ جهڙي تاريخي شهر جا تعليمي ادارا ته خاص طور تي هن حوالي سان وڏي اهميت رکن ٿا. جتي شهيد الله بخش سومرو سرغلام حسين هدايت الله، رام جيٺ ملاڻي پروفيسر لطف الله بدوي، بادام ناتوان، تميره زرين، ڊاڪٽر سارا صديقي، ڪيئل داس فاني شيخ اياز، آغا سليم ۽ ٻيا ڪيترائي نالا آهن جن هتي تعليم پرائي شڪارپور جي تعليمي ادارن جي سينن ۾ علمي ادبي سياسي صحافتي ۽ سماجي تاريخ جا ڪيترائي باب محفوظ آهن انهن ادارن مان تعليم حاصل ڪندڙ شخصيتن جي فهرست تيار ڪري، سندن تصويرون، ڪتابن لکڻين خدمتن ۽ يادگيرين تي مشتمل مستقل تاريخي گيلريون قائم ڪري سگهجن ٿيون اهڙي نمونيءَ هر اداري جي هڪ الڳ سڃاڻپ ۽ تاريخي حيثيت سامهون اچي سگهي ٿي تعليم ڪاتي اسڪولن کي اربين روپيا اسڪول اسپيسيفڪ بجيٽ ڏئي آهي جنهن جو مقصد فقط ديوارن تي رنگ روغن نه هئڻ گهرجي پر هر تعليمي اداري جي سربراهه پنهنجي اداري جي تاريخ مرتب ڪري. ادارن ۾ هيريٽيج ڪارنر يا تاريخي گيلريون قائم ڪيون وڃن جتي اڳوڻن شاگردن جون تصويرون، سندن علمي ۽ سماجي خدمتن جا تفصيل، پراڻا داخلا رجسٽر، تاريخي دستاويز، ڪتاب، اخبارن جا تراشا ۽ ٻيون يادگار شيون محفوظ ڪيون وڃي ويب سائيٽ تي الڳ صفحو پڻ ٺاهيو وڃي جيئن دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ويٺل ماڻهو پنهنجي شهر ۽ اداري جي علمي ورثي کان واقف ٿي سگهي اهڙي قدم سان شاگردن ۾ پنهنجي اداري سان وابستگي تاريخ سان دلچسپي ۽ وڏا مقصد حاصل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو جڏهن ڪو شاگرد پنهنجي اسڪول جي ديوار تي ڪنهن اهڙي عظيم شخصيت جي تصوير ڏسندو جنهن ڪڏهن ساڳئي ڪلاس روم ۾ ويهي تعليم حاصل ڪئي هئي ته سندس ذهن ۾ اهو احساس پيدا ٿيندو ته جيڪڏهن هن اداري جو هڪ اڳوڻو شاگرد پنهنجي محنت سان دنيا ۾ نالو پيدا ڪري سگهي ٿو ته مان به پنهنجي صلاحيتن سان ڪجهه ڪري سگهان ٿو قومون پنهنجي تاريخ کي محفوظ ڪري پنهنجي مستقبل جا رستا روشن ڪنديون آهن جيڪي سماج پنهنجن محسنن اڪابرن، استادن ۽ علمي روايتن کي وساري ڇڏيندا آهن اهي پنهنجي ايندڙ نسلن کي پنهنجي فڪري ۽ تهذيبي تسلسل کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن

اڄوڪو ڏينهن ---- 08 نومبر

دلشاد بيگم مرزا



دلشاد بيگم مرزا شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جي نياڻي هئي هن جي جنم جي تاريخ 8 نومبر 1912ع ٻڌائي وڃي ٿي هن کي سنڌي، اردو ۽ فارسي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو ۽ انهن ٽنهي ٻولين ۾ نظم توڙي نثر لکيائين افسوس جو سنڌس لکيل گهڻو مواد ڇپجي نه سگهيو هن 1947ع ڌاري پنهنجي ڪٽنب سان گڏ ڪربلا معليٰ جي زيارت ڪئي ۽ واپسيءَ تي ڪربلا جو سفرنامو لکيائين جيڪو "مسافر ڪربلا" جي نالي سان ڇپيو ادبي حلقن ۾ هن کي پهرين سنڌي مسلمان ليکڪا مڃيو وڃي ٿو هن 4 مارچ 1953ع تي هيءَ جهان ڇڏيو.

رائچند راٺوڙ



اڄوڪو ڏينهن ٿر جي مشهور تاريخدان، ليکڪ ۽ محنتي استاد رائچند راٺوڙ جون سارونيون ڪٺي آيو آهي جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1912ع ۾ ٿيو سنڌس والد جو نالو چتون مل سرتائي هو ۽ پاڻ ٿر جي ننڍڙي شهر ڇيلهار جو رهواسي هو هن 1927ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ سال کان پوءِ 1928ع ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو هن ٿر جي مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪئي ۽ آخر ۾ پنهنجي ڳوٺ ڇيلهار جي پرائمري اسڪول جي هيڊماسٽر طور رٽائر ٿيو هن 1929ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي هو ٿر جي تاريخ ۽ ثقافت جو وڏو پارکو هو ڪيس ٿر جي تاريخ جي انسائيڪلوپيڊيا چئجي ته غلط نه ٿيندو ٿر جي تاريخ تي سنڌس لکيل ڪتاب "تاريخ ريگستان" هڪ شاهڪار ڪتاب آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو هن اهلم ماڻڪ انسان 31 مئي 1968ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو ڇيلهار ۾ ريگستان ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران "رائچند راٺوڙ لائبريري" قائم ڪئي وئي آهي سنڌ جي تعليمي کاتي پاران ڇيلهار جي هاءِ اسڪول کي رائچند جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي

مينگهراج تلريجا

مينگهراج تلريجا پنهنجي دور جو مشهور چترڪار هو هن جو جنم 8 نومبر 1922ع تي شڪارپور ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين پنهنجي جنم واري شهر ۾ پڙهيو 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ ممبئي جا وڃي وسايائين هن ممبئيءَ جي مختلف تعليمي ادارن مان مصوري ۽ ڊرائنگ سان لاڳاپيل ڪورس پاس ڪيا ۽ ماسٽر آف آرٽس جي سند حاصل ڪئي هن کي ننڍپڻ کان ئي ڊرائنگ ۽ چترڪاريءَ سان لڳاءُ هو پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ دوران هو پنهنجي ڪاپين ۾ اهڙيون ته سهڻيون تصويرون ناهيندو هو جو سندس استاد به حيران ٿي ويندا هئا هن بيشمار ڪتابن ۽ رسالن جا سرورق ٺاهيا ۽ مختلف نصابي ڪتابن ۾ تصويرون ۽ نقشا ناهيا هن جي ناهيل فن پارن جون ڪيترائي پيرا نمائشون منعقد ٿيون ۽ ڪيس ڪيترن ئي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو.

امر جليل

اڄ سنڌ جي مهان ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ برڪ ساهتڪار امر جليل جي جنم جو ڏينهن آهي هن عظيم ليکڪ جو جنم روهڙيءَ ۾ 8 نومبر 1936ع ۾ ٿيو سنڌس چنيءَ جو نالو عبدالجليل قاضي ۽ والد جو نالو عبدالغني قاضي آهي هن علم جا ابتدائي اکر ڪراچيءَ جي رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيا. ان بعد بي اي تائين نوابشاهه ۾ پڙهيو اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان اقتصاديات ۽ هسٽري جون سندون حاصل ڪيائين هن ٻلڪپڻ کان ڪهاڻيون سرجڻ شروع ڪيون سنڌس پهرين ڪهاڻي اندرا



نوابشاهه مان نڪرندڙ رسالي ادا ۾ ڇپي ڪهاڻين سان گڏ اسٽيج ريڊيو ۽ ٽيليويزن ڊراما، فلمن لاءِ ڪهاڻيون ۽ مڪالما ۽ اخبارن لاءِ ڪالم لکيائين هن جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد لڳ ڀڳ 24 آهي جن مان اڪثر ڪهاڻين جا ڪتاب آهن سنڌس ڪهاڻين جا مختلف ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن سنڌس لکڻين سنڌي ادب جو وڏو سرمايو آهن هو لفظن جو جادوگر آهي پڙهندڙ سنڌس لفظن جي ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ٿي وڃي ٿو ۽ سنڌس ڪهاڻين جا ڪردار ۽ سين اکين جي اڳيان ڦرندا نظر ايندا آهن هڪ نجي ٽيليويزن تي سنڌس پروگرام "ڪلاس روم" به ڏسندڙن ۾ ڪافي مقبول رهيو.

مايا راهي



اڄ مشهور ڪهاڻيڪاره مايا راهيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 8 نومبر 1939ع ۾ بلوچستان جي شهر ڪوئيٽا ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان لڏي وئي هن بي ايڊ ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون هن اسڪول جي استاد طور ٻارڙن کي علم جي زيور سان آراسته ڪري رٽائر ڪيو ادبي دنيا ۾ هڪ مهان ڪهاڻيڪار، شاعره ۽ مترجم طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي سنڌس ڪتابن ۾ "محبت جو مينهن" (ڪهاڻيون)، "موڪش" (ڪهاڻيون)، "ڀل" ڪهاڻيون، "احساس" (شاعري) ۽ "گرد" (ترجمو ٿيل ناول) شامل آهن هن جي ڪهاڻين جا به مجموعا هنديءَ ۾ به شايع ٿيا آهن

ڪامريڊ نذير احمد چنا

ڪامريڊ نذير احمد چنا جو جنم 8 نومبر 1945ع تي جوهيءَ ۾ ٿيو سنڌس والد عبدالقيوم چنا اصل ۾ پاٽ شريف جو رهواسي هو هن شيرٻل هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي سنڌ ڪاليج آف ڪامرس مان بي ڪام ۽ سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين 1973ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن تي پروڊيوسر مقرر ٿيو جتان 1981ع ۾ استعيفا ڏئي ڇڏيائين ان بعد ڪجهه عرصي تائين ڪراچيءَ جي مختلف تعليمي ادارن ۾ استاد طور ڪم ڪيائين هن ون يونٽ خلاف هلندڙ هلچل ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ جڏهن محترمه فاطمه جناح جنرل ايوب خلاف صدارتي چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو ته ڪامريڊ نذير محترمه فاطمه جناح جي دل کولي حمايت ڪئي هو هڪ سٺو شاعر ۽ سنڌيڪار پڻ هو سنڌس انگريزي شاعريءَ جو ڪتاب "Ode to Moon" ڇپيل آهي جنهن جيڪي ڪتاب ترجمو ڪيا، تن ۾ عذرا ڪنٽر جي اردو شاعريءَ جي ڪتاب "نيل گگن تلي" جو انگريزي ترجمو ديوان منصور حلاج جو انگريزي ترجمو ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن سنڌس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن جي زينت بڻيا.


سيد مراد علي شاهه

اڄ موجوده وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي هن نالي واري سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1962ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو سنڌس والد سيد عبدالله شاهه به سنڌ جو وڏو وزير رهيو سيد مراد علي شاهه مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪس هاءِ اسڪول ۽ ڊي جي سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج مان پاس ڪيا ان بعد اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ جي سند حاصل ڪيائين اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کيس قائداعظم اسڪالرشپ ملي ۽ انهيءَ اسڪالرشپ تي هن آمريڪا جي اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ مان اسٽرڪچرل انجنيئرنگ ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي هن ساڳي يونيورسٽيءَ مان اڪانامڪس سسٽمس ۾ پڻ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي 1986ع کان 1990ع تائين هن واپڊا، پورٽ قاسم اٿارٽي ۽ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ ۾ انجنيئر طور ڪم ڪيو ان بعد هن سٽي بينڪ لنڊن ۽ ڪويت ۾ گلف انويسمينٽ ڪارپوريشن ۾ به ڪم ڪيو سيد مراد علي شاهه 2002ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ان کان پوءِ هو لاڳيتو سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون کٽيندو آيو آهي هن 29 جولاءِ 2016ع کان 28 مئي 2018ع تائين ۽ ان کان پوءِ 18 آگسٽ 2018ع کان 17 آگسٽ 2023ع تائين سنڌ جي وڏي وزير طور ذميداريون سنڀاليون 27 فيبروري 2024ع تي هن ٽيون ڀيرو سنڌ جي وزيراعليٰ طور قسم کنيو اڄوڪي ڏينهن تي اسين کيس سالگره جون مبارڪون پيش ڪريون ٿا.


مختيار اٽڙ




سعيد ميمڻ




اڄ مشهور شاعر سعيد ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 8 نومبر 1968ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ڄائو شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ پرائمري استاد طور ڪيائين هن ننڍي هوندي کان ئي شاعري شروع ڪئي پهريائين مولود شريف لکيائين ان بعد وايون، غزل گيت، هائيڪا، پنجڪڙا، ترائيل ۽ نظم لکيائين سنڌس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ٻيڻ سفر ۾"، "ڪاري بر ۾ چنڊ"، "خواب چارا"، "گرد جون آيتون"، "اسان جو عشق اٿيوري"، "ڪل دنبورو"، "اَلِ جو آلاٺو" ۽ "خالي آکيرو" شامل آهن هن 17 ڊسمبر 2016ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

عبدالغفور انصاري




اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ اديب عبدالغفور انصاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن نالي واري ليکڪ جو جنم دادو ضلعي جي ڳوٺ ڀوڙتي ۾ ٿيو ابتدائي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي گورنمينٽ ڪاليج آف ڪامرس ۽ اڪنامڪس ڪراچيءَ مان بي ڪام ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم ڪام جي سنڌ حاصل ڪيائين تعليم پوري ڪرڻ بعد مختلف ڪاليجن ۾ استاد ۽ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن جن ٻين اهم عهدن تي ڪم ڪيو تن ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو ڊپٽي ڪنٽرولر ۽ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ڪراچيءَ جو سيڪريٽري شامل آهن تعليمي ۽ انتظامي ذميدارين سان گڏ هن ادب جي دنيا ۾ به گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون اسڪول واري زماني ۾ بزم ادب دادوءَ جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين هن سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو بنياد رکيو ۽ پاڻ انهيءَ جو پهريون سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين هو سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار طور ياد ڪيو وڃي ٿو هن 8 نومبر 1974ع تي وفات ڪئي

ر ن محزون



هن نالي واري اديب جو جنم 10 جولاءِ 1933ع تي دادو ضلعي جي شهر ميهڙ ۾ ٿيو سنڌس پورو نالو محمد نواز ولد شفيع محمد ڀٽي هو مشهور شاعر شمس الدين بلبل سنڌس نانو هو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ان بعد ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي ۽ سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پڙهيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن ايل ايل بي جي ڊگري به حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات فوج ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ طور ڪيائين پر ٽريننگ دوران پير مڙي پوڻ ڪري اها نوڪري ڇڏڻي پيس مختلف نوڪرين بعد ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ رٽائر ٿيڻ تائين اها نوڪري ڪيائين هن ادبي سفر جي شروعات شاعريءَ ۽ ڪهاڻيون لکڻ سان ڪئي پر بعد ۾ سنڌس لاڙو تحقيق ۽ ترجمي طرف رهيو هو خليل جبران ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد کان گهڻو متاثر هو خليل جبران جا اڪثر ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين هن جا 16 ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا جن ۾ ترجما به شامل آهن هن 8 نومبر 1995ع تي وفات ڪئي

تارا ميرچنداڻي



تارا ميرچنداڻي جو نالو هڪ ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نويس طور سنڌي ادبي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي هن نالي واري اديبه جو جنم 6 جولاءِ 1930ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان ڪندن مل هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌس ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر پوني ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائين اتي ئي هن پارهون ڪلاس جئه هند ڪاليج مان پاس ڪيو سنڌس گهر واري موتيرام جي ديهانت بعد پنهنجي ڌيءَ سان گڏ الله آباد ۾ رهائش اختيار ڪيائين هوءَ اڃا 19 سالن جي مس هئي جڏهن سنڌس پهريون ناول "ڪومل ڪلي" ڇپجي پڌرو ٿيو هن پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو سنڌس ٻارهن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن سنڌس ڇپيل ناولن ۾ ڪومايل ڪلي (1949)، آشا (1958)، هٿ يوڳي (1990)، سورج جي پهرين ڪرڻ (1998) ۽ لهرن جي گونج (1999) شامل آهن سنڌس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ آئينو ۽ قفس (1965)، ريڙهه جي ڳڻتي (1966)، الجهيل تندون ريشم جون (1986)، درد (1991)، وساري نه وسرن (1996) ۽ جذبات جا موتي (2023) شامل آهن هن جي ڪجهه ڪهاڻين جا مجموعا گجراتي هندي ۽ بنگلي ٻولين ۾ به ترجمو ٿي چڪا آهن هن 8 نومبر 2023ع تي هيءَ جهان ڇڏيو

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي
فيملي سوٽ نمبر 84 سال 2026

شريمتي Ambho ڌيءُ گينو هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ديهه 185 ڳوٺ مير حسن ڪلوئي تعلقو ڏگهڙي ..پلينٽف ...بخلاف. رميش ولد سنگيو هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ بوزطر نزد نيو ٽمبالو تعلقو ماتلي ضلعو بدين 03451199364 ... . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار ٽرمينيشن جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 14-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 121 سال 2026

مير محمد ولد فيض محمد ذات ملاح رهندڙ ڳوٺ پاڪ سانگهار تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف. (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) جنرل مينيجر نادرا اسلام آباد (3) ڊپٽي مينيجر نادرا لطيف آباد حيدرآباد (4) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 17-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 524 سال 2026

مسمات رابعه ڌيءُ غلام محمد رهندڙ ڊيراڻي پاڙو ڊاڪٽر ڪالوني نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف. غلام مرتضيٰ ولد گلاب ملاح رهندڙ درگاهه شريف باڊهه تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو... . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 20-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سينئر سول جج V/ رينٽ ڪنٽرولر حيدرآباد
رينٽ درخواست نمبر 159 سال 2026

(1) رينا گهنشام داس ڌيءُ گهنشام داس هندو بالغ رهندڙ گهر نمبر B-86/8 سنڌ يونيورسٽي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي فيز 1 ڄامشورو ..اپليڪينٽ ...بخلاف. غلام مصطفيٰ پنهور ولد ڪوڙو خان حال رهندڙ فليٽ نمبر 401 فرسٽ فلور وائيٽ سٽي مال آٽوبان روڊ لطيف آباد حيدرآباد سيڪنڊ ايڊريس ڳوٺ نور خان مرزاپور تعلقو قاسم آباد حيدرآباد 03003565899... . اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ توهان جي خلاف درخواست زير قلم (vii) &(ii)15 سنڌ رينٽيڊ پرميسز آرڊيننس تحت درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 18-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج V/ رينٽ ڪنٽرولر حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 162 سال 2026

مسمات عابده ڌيءُ مير حسن مگسي رهندڙ عظيم سٽي سڪرنڊ ..پلينٽف ...بخلاف. ضمير حسين ولد مهر علي مگسي رهندڙ ڳوٺ مهر الله سعيد خان مگسي تعلقو سعيد آباد ضلعو شهدادڪوٽ 03442001582/03337506496 ... . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 13-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

بقايا 1 روزاني عبرت

ڀاڙي ۾ علي نواز رند ڀاران پنهنجي ڌي آمنا رند سان مسلسل 6 مهينا جنسي زيادتي ڪرڻ واري عمل بعد سنڌس ڌي ويڊيو ثبوت سان دادو ايس ايس پي وٽ پيش ڪيا جنهن بعد دادو ايس ايس پي صدام حسين خاصخيلي ڀاران واقعي جو سخت نوٽس وٺڻ بعد دادو بي سيڪشن ،رومين پوليس ۽ ڊي ايس پي دادو کي حڪم جاري ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪيو جنهن بعد دادو پوليس وڏي پوليس نفري ساڻ ڪري رات دير سان قلندر آباد واري علائقي ۾ علي نواز رند جي گهر تي ڇاپو هنيو جنهن دوران گهر ۾ موجود گهرڀاتين سخت مزاحمت ڪئي دادو پوليس مسلسل 4 ڪلاڪ جي ڪوششن بعد گهر مان جوابدار جي گهرواري سميت 3 ڄڻن کي گرفتار ڪري دادو رومين سيڪشن تي آندو ، جڏهن ته دادو بي سيڪشن ٿاڻي تي آمنا رند جي فرياد تي ڏوهه نمبر 169 /2026 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ته جنهن ۾ آمنه ڄاڻايو آهي ته والد علي نواز رند مسلسل مونسان زنا ڪندو پيو اچي جنهن جي شڪايت پنهنجي ماءُ باشر، چاچي مولا بخش ، سئوٽ اسلم رند ، ڀيڻ عائيشا ۽ چاچي جي ذال زرينه کي ڏني پر انهن چپ رهڻ جو چئي چيو ته خاموش ٿي رهجن ۽ اها ڳالهه ڪنهن سان نه ڪجائي اسان جي بدنامي ٿيندي جنهن بعد والد بيهر زنا ڪرڻ لاءِ ڪمري آيو ته سنڌس جي زنا جي ويڊيو رڪارڊ ڪري پوليس کي ڏني آهي. ٻي طرف دادو ڊي ايس پي انور شيخ صحافين کي ٻڌايو ته هي علي نواز رند ان معاملن ۾ عادي ڏوهاري لڳي پيو ان ڀهريان پنهنجي ڀائيٽي سان زنا ڪيو هيو وري بعد ۾ معاملي کان بچي ويو هاڻ ان پنهنجي ڌي سان زنا ڪئي آهي جنهن جي ويڊيو پڻ سنڌس ڌي ڏيري آهي ، نياڻي آمنه رند جو ميڊيڪل پڻ ڪرايو آهي جنهن جي رپورٽ جلد اچي ويندي باقي علي نواز رند معان ڌي سان زنا ڪرڻ جو ڪيس دادو جي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي جنهن سنڌس سهولتڪاري ڪندڙ کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي ۽ ان کان علاوه 4 ڪيس ٻيا پڻ داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ 3 هٿيارن جا ۽ هڪ ڊيوٽي اتڪاءِ جو معاملي جي هر رخ کان جانچ ڪيو پيا، مڪ جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻي رهيا آهيون جلد وحشي جوابدار کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا 2 روزاني عبرت

نشانو بڻيل نينگري آمنا رند کي دادو جي عدالت ۾ پيش ڪيس جدان عدالت نينگري کي دادو سيف هائوس منتقل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 3 روزاني عبرت

جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق، علي نواز رند واري افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته علي نواز رند جيڪو ڪجهه ڪيو آهي اهڙو عمل ڪو به عام انسان ڪرڻ جو سوچي به نٿو سگهي هن چيو ته واقعي کي پاڪستان پيپلز پارٽي سان ڳنڍڻ ۽ سياسي پارٽي کي نشانو بڻائڻ مناسب عمل ناهي. هر سياسي پارٽي ۾ سٺا ۽ خراب ماڻهو موجود هوندا آهن بئريسٽر پير مجيب الحق وڌيڪ چيو ته هن واقعي واري رات ئي ايس ايس پي دادو سان رابطو ڪيو هو جنهن سان ڳالهه ٻولهه دوران مطالبو ڪيو ويو ته هن اذيتناڪ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ملوث جوابدار کي قانون موجب عبرتناڪ انجام تائين پهچايو وڃي هن چيو ته اسان جون سموريون همدرديون متاثر معصوم نياڻي ۽ سنڌس خاندان سان گڏ آهن

بقايا 4 روزاني عبرت

ڊولپمينٽ اٿارٽي، ضلعي انتظاميا، پوليس ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي اهلڪارن حصو ورتو گڏيل ڪارروائي دوران لڳ ڀڳ 300 ايڪڙ سرڪاري زمين تان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائي زمين واگزار ڪرائي وئي ضلعي انتظاميا موجب سرڪاري زمينن جي تحفظ ۽ غيرقانوني قبضن جي خاتمي لاءِ ڪارروايون جاري رکيون وينديون سرڪاري زمينن تي قبضو ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن

فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي به سرڪاري ملڪيتن تي غيرقانوني قبضي جي اجازت نه ڏني ويندي

بقايا 5 روزاني عبرت

مڪمل ٿيڻ بعد عدالت ۾ پيش ڪيو ان موقعي تي جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته ڪيس جي جاچ اڃا مڪمل ناهي ٿي، جوابدارن جا وڌيڪ ساٿي گرفتار ڪرڻا آهن جڏهن ته هٿ ڪيل ڊوائيسز جو فارينزڪ معائنو پڻ ڪرائڻو آهي جاچ آفيسر وڌيڪ 12 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪئي جوابدارن جي وڪيلن شهاب سرڪي ۽ جام خضر ايڊووڪيٽ وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪندي موقف اختيار ڪيو ته سمورا ڊوائيسز هٿ ڪيا ويا آهن ۽ جوابدار جاچ ۾ مڪمل سهڪار ڪري رهيا آهن تنهن ڪري وڌيڪ ريمانڊ جي ضرورت ناهي وڪيلن عدالت کي ٻڌايو ته ساڳئي ڪيس ۾ 264 بين جوابدارن جي ضمانت اڳ ئي منظور ٿي چڪي آهي جن ۾ 156 عورتون ۽ گهٽ عمر وارا جوابدار پڻ شامل آهن عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد 9 جوابدارن جي جسماني ريمانڊ ۾ وڌيڪ 3 ڏينهن جي واڌ ڪندي ڪين 10 نومبر تي ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت ريمارڪس ڏنا ته اينڊڙ ٻڌڻي تي جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي پڻ فيصلو ٻڌايو ويندو

بقايا 6 روزاني عبرت

سنڌ تي کي ڏينهن اعلانيل احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪوٽڙي جي صحافي باريجا ڀائرن تي ٿيندڙ ظلم پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ڏاڍ ۽ ڄامشورو پوليس گردي جي خلاف ڏٿين ڏينهن به ايچ يو جي جي مرڪزي اڳواڻن لالا رحمان سمون اقبال ملاح، وسيم خان ڄام فريد لاکو ۽ جاني خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ايچ يو جي جي مرڪزي اڳواڻن لالا رحمان سمون اقبال ملاح، وسيم خان ڄام فريد لاکو جاني خاصخيلي، يعقوب سومرو، منصور مري، اصغر خاٽوني الطاف ميمڻ ۽ ٻين مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته صحافي باريجا ڀائرن سان ڄامشورو پوليس ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي دٻاءُ ۾ اچي ايس ايس پي ڄامشورو ڪمداري وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جنهن خلاف سڄي سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج بڻيل آهن پر افسوس هن وقت تائين واقعي جو ڪوبه نوٽيس ناهي ورتو جنهن جي ڪري سنڌ جي صحافي برادري ۾ سخت ڳڻتي آهي هنن چيو ته ايس ايس پي ڄامشورو جڙتو جي آئي کي جوڙي پاڻ کي واقعي کان آجو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي اسان اهڙي جڙتو جي آئي تي کي مڪمل طور تي رد ڪري چڪا آهيون چيو ته ايس ايس پي ڄامشورو ملڪ هائوس جي دٻاءُ تي صحافي باريجا ڀائرن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪري رهيو آهي هنن چيو ته پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر ڪوهستان جي راڄن جو سردار آهي جنهن کي وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي معاملي کي حل ڪرڻ گهرجي ها پر افسوس ملڪ اسد سڪندر صحافي باريجا ڀائرن خلاف ذاتي انتقامي ڪارروايون ڪندي ننگن ۽ دنگن جو تقدس پائمال ڪرايس ان ڪري اسان سمجهون ٿا ته ان سڄي واقعي جا ذميوار ملڪ اسد سڪندر ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ذر بڻيل آهن هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي فوري طور تي ايس ايس پي ڄامشورو کي هٽائي نئون ايماندار ايس ايس پي مقرر ڪري، ڪوٽڙي ۾ بيگناهه مارجي ويل نوجوان دلشير برفت جي قتل واقعي صحافي باريجا ڀائرن تي لڳايل الزامن ۽ پوليس گردي جي جاچ ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪيو وڃي جڏهن ته ايچ يو جي ڀاران سڀاڻي 8 نومبر تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ اهم اجلاس پڻ طلب ڪري ورتو آهي جنهن ۾ يونين جي مرڪزي قيادت ۽ صحافي شرڪت ڪندا ان اجلاس ۾ تحريڪ جي آئنده جو لائحه عمل جوڙيو ويندو

بقايا 7 روزاني عبرت

آتش بازي جو شاندار مظاهرو پڻ ڪيو ويو وڏي انگ ۾ ننڍڙن ٻارڙن اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرديائين پنهنجي هٿن سان ڏيئا ٻاري رنگولي کي سينگاريو ۽ ڦاڪا ڇوڙي خوشي جو اظهار ڪيو هن موقعي تي ملڪ جي ترقي خوشحالي امن امان ۽ ڀائيچاري لاءِ خصوصي پرارٿنائون ڪيون ويون شرڪت ڪندڙن هڪ ٻئي کي مٺايون ڪارائي ڏياري جون واڌايون ڏنيون هن شاندار تقريب ۾ شهر جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ گنگارام مالهي سينئر صحافي سريش مالهي سانگو مل نائي شري رام مالهي شمبو مل چيئرمين پريس ڪلب سمارو جي صدر ڏاڪٽر بخش سينهڙو روٽري ڪلب سامارو جي جنرل سيڪريٽري رميش ڪمار مالهي نارائڻ داس مهيشوري، هريش ڪمان اشوڪ ڪمان شاگرد اڳواڻ ڊاڪٽر اياز سينهڙو لوبش ڪمار ڪرڻ ڪمار رام لال لوهيا ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي تي هندو برادري جي ماڻهن ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هو هر سال پنهنجي عظيم آوتار شري رام چندر ڀڳوان جي چوڏهن سال بنواس ڪاٽي پنهنجي ڏيهه واپس ورڻ جي خوشي ۾ روشنين جو هي تهوار ڏياري نهايت جوش سان ملهائيندا آهن هي تهوار اونداهي تي روشني ۽ برائي تي چڱائي جي فتح جو علامت آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڏياري جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ آتشبازي جو شاندار اهتمام ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر شام سندر آڊواڻي چيو ته اين جي وي هائير سيڪنڊري اسڪول جي ڏياري تقريب ۾ شرڪت ڪري ڪين بيحد خوشي ٿي آهي ڏياري محبت، ڀيان رشتن جي مضبوطي خوشين ۽ مذهبي رواداري جو پيغام ڏيندڙ تهوار آهي جيڪو اسان کي هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ باهمي احترام سان گڏجي زندگي گذارڻ جو درس ڏئي ٿو هن اسڪول جي شاگردن لاءِ خاص اعلان ڪندي چيو ته اين اي سي رکندڙ شاگردن کي ڏياري جي موقعي تي تحفي طور چيڪ ڏنا ويندا، جيئن سندن حوصلا افزائي ٿي سگهي ۽ ڪين تعليم جي ميدان ۾ سهڪار فراهم ڪري سگهجي ڊاڪٽر شام سندر آڊواڻي صدر مملڪت آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر ۽ وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ڀاران هندو برادري سميت سمورن شاگردن ۽ استادن کي ڏياري جون واڌايون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن هڪ ٻئي کي ڏياري جون مبارڪون ڏنيون ۽ خوشين جو اظهار ڪيو

بقايا 9 روزاني عبرت

جوابدارن ۾ گروهه جو سرغنه شاهه مير ولد زري خان، محمد اسامه ولد غلام قادر، نعمت خان ولد دولت خان، مصطفيٰ ولد دولت خان، گل زمان ولد شير افغان ۽ ابوبڪر عرف پايو ولد بادشاهه شامل آهن رينجرز ترجمان موجب گرفتار جوابدارن

پاڪستان ميرين اڪيڊمي

هاڪس بي روڊ، ماڙي پور، ڪراچي-75780



داخلا لاءِ اطلاع

GP-III (Seaman) Course (43rd Batch)

پاڪستان ميرين اڪيڊمي GP-III (Seaman) ڪورس جي باري ۾ معلومات ۽ داخلا جو طريقيڪار هيٺ ڄاڻايل آهي:

ڪورس جا فائدا:
ڪورس مڪمل ڪرڻ کانپوءِ اوهان (تجارتي بحري جهاز راني) ۾ شموليت اختيار ڪري سگهو ٿا. جتي اوهان کي پرڪشش پگهار ملندي ۽ دنيا جا نظاره ڪرڻ جو موقعو ملندو.

داخلا جي اهليت:
پاڪستاني مرد جن جي تعليمي قابليت گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ميٽرڪ يا مساوي هجي، جسماني طور تي تندرست هجي عمر 31 ڊسمبر 2026 تي 18 سال کان وڌيڪ ۽ 25 سال کان گهٽ هجي

داخلا جو طريقيڪار:
داخلا فارم ايڊميشن آفيس پاڪستان ميرين اڪيڊمي ڪراچي کان حاصل ڪري سگهجن ٿا يا اڪيڊمي جي ويب سائيٽ جيڪا هيٺ ڏنل آهي تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. مڪمل داخلا فارم سان گڏ ميٽرڪ جي سند ۽ شناختي ڪارڊ جي تصديق ٿيل ڪاپين ۽ مبلغ -/1000 رپين جو بينڪ ڊرافٽ يا پي آرڊر (ناقابل واپسي) نالي پاڪستان ميرين اڪيڊمي ڪراچي شامل ڪرڻ لازمي آهي. داخلا فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 30-11-2026 آهي.

فيس: اميدوارن کي مبلغ -/36000 هزار رپيا فيس (ٽيوشن و اسٽيشنري) بصورت بينڪ ڊرافٽ يا پي آرڊر ايڊميشن جي وقت ادا ڪرڻا پوندا.

نوٽ: مقرره ميڊيڪل سينٽرز کان ميڊيڪل ڪرائڻ ۽ اڪيڊمي جوائن ڪرڻ کانپوءِ اسان جي اداري MMD کان صرف اڪين جو ٻيهر ميڊيڪل ٿيندو جيڪو اڪيڊمي ڪرائيندي ۽ اهو حتمي فيصلو هوندو.

نوٽ: ڪلر بلائينڊ (رنگن ۾ تميز کان محروم) شخص داخلا جا اهل نه هوندا.

آفيسر انچارج (ايڊميشن)

فون نمبر: 021-99241201-5 ايڪسٽينشن: 114 فيڪس: 021-99241206 ويب سائيٽ: www.pakistanmarineacademy.edu.pk
اي ميل: admissions@pakistanmarineacademy.edu.pk

PID K-1516/26

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

PAA

خريداريءَ جو نوٽيس

تصحيح نمبر 2

ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جي بين الاقوامي هوائي اڏن لاءِ تشهيري وڊيوز (ڪاروباري موقعن کي اجاگر ڪرڻ جي مقصد سان) تيار ڪرڻ، جنهن ۾ گڏيل تشهيري وڊيو، پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽيءَ جي تعارفي وڊيو، سوشل ميڊيا لاءِ مختصر وڊيوز ۽ اعليٰ ريزوليوشن واريون ڪيپشن سميت تصويرون شامل آهن.

مٿي ڄاڻايل خريداري جي نوٽيس تحت آڇون جمع ڪرائڻ جي دعوت بابت اشتهار، جيڪو 28 سيپٽمبر 2026ع تي قومي اخبارن ۾ شايع ٿيو هو، جڏهن ته ساڳئي اشتهار جو تصحيح نامو نمبر 1، 16 آڪٽوبر 2026ع تي EPADS v2.0، پي اي اي ۽ پي پي آر اي جي ويب سائيٽن تي شايع ڪيو ويو هو، تنهن جي حوالي سان اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته ڄاڻايل خريداري جي نوٽيس ۾ آڇون جمع ڪرائڻ جي دعوت واري شق نمبر 6 ۾ ترميم ڪري، ان جي جاءِ تي هيٺ ڏنل نئين شق نمبر 6 شامل ڪئي ويندي:

6. اي-آڇون، اي-آچ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪري، اڱارو 24 نومبر 2026ع، صبح جو 11:00 وڳي تائين EPADS v2.0 ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اي-آڇون ساڳئي ڏينهن، اڱارو 24 نومبر 2026ع، صبح جو 11:30 وڳي کوليون وينديون. هٿرادو طور تي آڇون جمع ڪرائڻ جي اجازت نه هوندي. اهي وينڊرز، جن اڃا تائين EPADS جي نئين ورزن EPADS v2.0 تي رجسٽريشن نه ڪرائي آهي، سي هن ويب سائيٽ https://vendors.epads.gov.pk تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت رهنمائي لاءِ وڊيو هن لنڪ https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc تي موجود آهي.

خريداريءَ جي نوٽيس واري دستاويز جي تصحيح نامي نمبر 2 بابت وڌيڪ تفصيلن لاءِ EPADS v2.0 جو جائزو وٺو. هي تصحيح 31 سيپٽمبر 2026ع جي تاريخ سان درج ٿيل آهي.

ايڊيشنل ڊائريڪٽر، پبلڪ رليشنز پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA)
هيڊ ڪوارٽرز، پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي، ٽرمينل 1 بلڊنگ، جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ (JIAP)، ڪراچي، پاڪستان. فون: +92-21-907-1705
اِي ميل: ahmer.azeem@paa.gov.pk، adld.pr@paa.gov.pk

www.paa.gov.pk

PID K-1534/26

دادو ۾ جوابدار جي سڳي ڌيءَ سان مبينا زنا، ايس ايس پي جو نوٽيس، ڪيس داخل

پوليس قلندر آباد واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي جوابدار جي گهر واري سميت 3 ڄڻن کي گرفتار ڪيو

زيادتي جون شڪايتون ڏنيون پر ڪجهه نه ٿيو، جنهن بعد زنا جي ويڊيو رڪارڊ ڪري پوليس کي ڏني: متاثر ناري

علي نواز رند پهريان پنهنجي پائيندي سان زنا ڪيو هيو پر ٻچي ويو هاڻ ان پنهنجي ڌي سان زنا ڪئي آهي: ڊي ايس پي

مک جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻي رهيا آهيون جلد وحشي جوابدار کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

دادو(ع ر) دادو ۾ انسانيت لجائيندڙ وحيشي پن جو انتها سڳي پي پنهنجي ڌي سان مسلسل 6 مهينا مبينه زنا ڪندو رهيو نياڻي ويڊيو ثبوت سان دادو ايس ايس پي وٽ پهچي وئي ، دادو شهر جي قلندر آباد

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



دادو: نوجوان ناري پارڻ پنهنجي والد تي لجالت جا الزام هڻندي، مک جوابدار جو فائل فوٽو ۽ گرفتار ٿيل پاتي ڪاٽي تي واڙيل آهن

نينگري عدالت ۾ پيش، سيف هائوس منتقل

دادو: دادو پوليس پاران پيءُ هٿان زنا جو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

علي نواز رند جو عمل انسانيت کان ڪريل آهي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي: پير مجيب

دادو: پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي دادو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ايڇ يو جي جي سڏ تي حيدرآباد ۾ قلم ڌڻين جو باريجا صحافين سان مبينا زيادتين خلاف احتجاج

ايس ايس پي ڄامشورو ڄڙتو جي آئي ٽي جوڙي پاڻ کي واقعي کان آجو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

صحافي باريجا پاڻرن تي لڳايل الزامن ۽ پوليس گردي جي جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪيو وڃي

ايندڙ حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ اجلاس پڻ طلب، يونين جي مرڪزي قيادت ۽ صحافي شرڪت ڪندا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ايڇ يو جي جي سڏ تي صحافي باريجا پاڻرن تي ڦيٽنڊڙ ظلم پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ڏاڍ ۽ ڄامشورو پوليس گردي خلاف حيدرآباد ۾ ڌڻين ڏينهن به صحافين جو احتجاجي مظاهرو ڏرڻي سنڌ حڪومت کان بنا دير سمورن واقعن جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن قائم ڪرڻ جي گهر تفصيل موجب حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو محمد خان: ايڇ يو جي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪراچي غيرقانوني ڪال سينٽر ڪيس، 9 جوابدارن جي جسماني رمانڊ ۾ وڌيڪ 3 ڏينهن جي واڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) غيرقانوني ڪال سينٽر ڪيس ۾ گرفتار 9 جوابدارن جي جسماني رمانڊ ۾ وڌيڪ 3 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي جوڊيشل مئجسٽريٽ اوير جوابدارن کي 10 نومبر تي ٻيهر عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڪيس جي ٻڌڻي دوران نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) گرفتار جوابدارن کي جسماني رمانڊ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



ملاڪاتيار: هٿيارٻندن هٿان زخمي ٿيل فياض دل

ساماري ۾ هندو برادري پاران ڏياريءَ جو تهوار جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

قديمي مڙهي ڏاڏا شوگر سوامي رنگ برنگين بلبن ۽ ڏيئن سان سينگاريو ويو

پوڄا بعد مٺايون ورهايون ويون، ٻارڙن ۽ شاگردن ڏيئا ٻاري رنگولي ناهي خوشيءَ جو اظهار ڪيو

ساماري (ن ع) سامارو ۾ هندو برادري روشنين جي تهوار جي شاندار پروگرام آتش بازيءَ جو شاندار مظاهرو مٺايون ورهايون ويون مالهي پنچائت جي سڏ تي شهر جي قديمي ۽ تاريخي مڙهي ڏاڏا شوگر سوامي ۾ ڏياري جي حوالي سان هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي تقريب جي سلسلي ۾ قديمي مڙهي کي نهايت ئي خوبصورت نموني سان رنگ برنگين برقي بجليئن قمقمن ۽ ڏيئن سان سينگاريو ويو هو . پوڄا ڪان پوءِ مٺايون ورهايون ويون ۽

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

قاسم آباد ۾ نياڻي سان مبينا زيادتي جو ڪيس، جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي احتجاج

ڪيس داخل ٿيڻ باوجود 9 ڏينهن گذرڻ تي به نامزد جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن: اڳواڻ

جوابدار گرفتار نه ٿيا ته اربع ڏينهن ايس ايس پي حيدرآباد آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان جي اڳواڻن ايڊووڪيٽ ديدار علي سولنگي، ڪامران نديم ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ... ته 9 ڏينهن اڳ قاسم آباد ۾ رهڻ ... جي نياڻي سان ٿيل مبينه زيادتي ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪري متاثر نياڻي جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي بي صورت ۾ پوليس جي سست روئي خلاف سخت

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڏڙي ۾ شهيد دودو سومري جي ياد ۾ شاندار تقريب، ڀيٽا پيش

سنڌ ۽ بلوچستان مان سومرا برادري جي سوين ماڻهن، اديبن ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت

شهيد دودو سومرو سنڌ جي غيرت، بهادري ۽ ڌرتيءَ سان وفاداريءَ جو روشن مثال آهي: اڳواڻ

ذاتي ۽ قبائلي ويڇا وساري اتحاد ۽ ڀائپيءَ سان گڏ ٿيڻ جي اپيل، فنڪارن جا قومي گيت پيش

ڏڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) ڏڙي ۾ سنڌ جي سورهيه سپوت شهيد اعظم دودو سومرو جي ياد ۾ شاندار تقريب، اديبن شاعرن فنڪارن ۽ سومرا برادري پاران ڀرپور ڀيٽا پيش. تفصيل موجب سنڌ جي تاريخ ڌرتيءَ جي غيرت ۽ قومي وقار جي علامت، پنهنجي ننگن ۽ دنگن جي حفاظت خاطر سر جو نذرانو پيش ڪندڙ امر ڪردار سپهه سالار شهيد اعظم دودو سومرو جي ياد ۾ ڏڙي شهر جي عمار شادي هال ۾ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ اديبن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ عورتون جو ريلوي ڪالوني جي پلاٽ تي مبينا قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

هالا (ت ر) ريلوي ڪالوني ۾ هڪ هزار اسڪوائر فوٽ پلاٽ تي مبينا قبضي ۽ عدالتي حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندي ٻيهر تعميراتي ڪم شروع ڪرڻ خلاف مسمات مومل زال مرحوم ڪانديرو ۽ مسمات خديجا زال مرحوم ساڻڪ ماڇي پاران پريس ڪلب هالا تي احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ عورتن صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته هنن پنهنجي رضا خوشيءَ سان پلاٽ مرزو ملاڻو کي وڪرو ڪيو هو پر ان باوجود مرحوم امام علي ماڇي جي پٽن امجد ماڇي، گولو ماڇي ۽ اڪرم ماڇي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: هڪ عورت ريڙهي تي ديوالي جي موقعي تي ڏيئا وڪرو ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ 300 ايڪڙ سرڪاري زمين تان قبضا ختم ڪرائي خالي ڪرائي وئي

ڪيماڙيءَ ضلعي انتظاميا جي ديهه گوند پاس ماڙيپور ۾ قبضا مافيا خلاف ڪارروائي ڪئي

سرڪاري زمينن تي قبضا ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قدم کنيا ويندا: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪيماڙي انتظاميا پاران قبضا مافيا خلاف ڪارروائي ڪندي لڳ ڀڳ 300 ايڪڙ سرڪاري زمين غيرقانوني قبضي کان خالي ڪرائي وئي ڪارروائي ڊپٽي ڪمشنر ڪيماڙي ستار هاڪڙو ۽ ڊائريڪٽر جنرل لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي جي هدايتن تي سب ڊويزن ماڙيپور جي علائقي ديهه گوند پاس، اين اي ڪلاس 162 ۾ ڪئي وئي آپريشن جي اڳواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر ماڙيپور آصف سومرو ڪئي جڏهن ته ڪارروائي ۾ لياري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي اسڪول ۾ ڏياريءَ جي رنگا رنگي تقريب، آتشبازي، شاگردن لاءِ تحفن جو اعلان

اين جي وي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ٿيل تقريب ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي خاص شرڪت ڪئي

شاگردن کي ڏياريءَ جي تحفي طور چيڪ ڏنا ويندا ته جيئن سندن حوصلا افزائي ٿي سگهي: ايم پي اي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اين جي وي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ هندو برادري جي مذهبي تهوار ڏياري جي موقعي تي رنگا رنگ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاندار آتشبازي جو مظاهرو پڻ ڪيو ويو. تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملا ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي، جيٺارام ڪوسٽاني اسڪول جي پرنسپال ششما ديوي، استادن شاگردياڻين، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ ٻين معزز

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، خيرو گروهه جي سرغنه سميت 6 جوابدار گرفتار

خيرآباد ۽ الطاف نگر مان ڦرلٽ جي 15 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث جوابدار سوگها ڪيا ويا

جوابدارن جي قبضي مان 4 بنا لائسنس پستول، گوليون، 3 موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي اورنگي ٽائون ۾ ڪارروائي، ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي 15 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث خيرو گروهه جي سرغنه سميت 6 جوابدار گرفتار، هٿيار، گوليون، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. پاڪستان رينجرز (سنڌ) جي ترجمان موجب ڳجهي اطلاع جي بنياد تي رينجرز اهلڪارن خيرآباد، الطاف نگر اورنگي ٽائون ۾ ڪارروائي ڪري خيرو گروهه سان تعلق رکندڙ 6 جوابدارن کي گرفتار ڪيو گرفتار

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو ڄام: ريلوي پوليس اهلڪارن پاران گهر تي هلان ڪرڻ ۽ قبضي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ باريجا صحافي پاڻرن سان مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرا

ملي، مسوريڙي، ٽنڊو محمد خان، خيرپور ناٿن شاهه، اوڏيرولال، سجاول ۽ دادو ۾ صحافين ۽ شهرين مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا

صحافي عظيم باريجو ۽ سندس پاڻرن جا گهر ڊاهڻ عورتن جي تذليل ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي: مظاهرين

ايس ايس پي ڄامشورو کي هٽائي باريجا پاڻرن خلاف داخل ڪيس ختم ڪري کين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

حيدرآباد (نمائندن وٽان) ڄامشورو جي باريجا پاڻر صحافين تي تشدد ڪري سندس گهر ڊاهي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سموري سنڌ جيان ملي ۾ به ٽرپارڪر جا صحافي سراپا احتجاج بڻيل آهن ٽر پريس ڪلب ملي جي صحافين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نوان صوبا ڊاهڻ سنڌو جي پاڻي ۽ ساموندي پٽي تي قبضي خلاف ٻيڪريو ۾ جسقم جو احتجاج

جسقم جي مرڪزي سڏ تي بدين جي اڳواڻن جو پريس ڪلب آڏو مظاهرو سخت نعريبازي

سنڌو درياهه تي نوان ڪئنال کڻڻ ۽ ساموندي پٽي تي قبضي جا منصوبا قبول ناهن: اڳواڻ

ٻيڪريو(ن ع) جسقم جي مرڪزي سڏ تي ضلع بدين جي جسقم اڳواڻن جو ٻيڪريو پريس ڪلب آڏو سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ ۽ سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙي ساموندي پٽي تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو جسقم جي ضلع بدين جي چيف آرگنائيزر اياز علي جوکيو، زين شاهه، حنيف کوسو، لڪاڏنو جوکيو جي اڳواڻي ۾ منصوبن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ سنڌو جي پاڻي تي نوان ڪينال

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5



راڌڻ: نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل شخص جو لاش پيل آهي

سنڌ ۾ ڪو به نئون صوبو نه ٺهندو، اسيمبلي پنهنجو موقف ڏئي چڪي آهي: طارق شاهه ڄاموٽ

حيدرآباد جي 160 يوسيز ۾ ترقياتي ڪم جاري آهن، او جي ڊي سي ايل سان به رابطو آهي: ايم اين اي

ٽن سالن کان ڊيوٽي ڪندڙ گريڊ هڪ کان چار جي ملازمن کي پگهارون ملڻ گهرجن، صوبائي وزيرن سان ڳالهايو آهي

ايم اين اي طارق شاهه ڄاموٽ جو ٽنڊوڄام جي عمار ٽائون ۾ ڊرينيج سسٽم ۽ سي سي بلاڪ اسڪيمن جو افتتاح وقت خطاب

ٽنڊوڄام (ت ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي ۽ ضلعي صدر سيد طارق شاهه ڄاموٽ ٽنڊوڄام جي علائقي عمار ٽائون ۾ ڊرينيج سسٽم ۽ سي سي بلاڪ اسڪيمن جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد طارق شاهه ڄاموٽ چيو ته سنڌ جي ورهاست بابت سنڌ اسيمبلي پنهنجو واضح موقف ڏئي چڪي آهي سنڌ ۾ ڪو به نئون صوبو نه ٺهندو ڪراچي ۾ ٻن سياسي پارٽين پاران هڪ ٽي ڏينهن ريليون ڪڍڻ بابت سوال جي جواب

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ورهاڱي ۽ ٻيٽن تي قبضي خلاف خيرپور ناٿن شاهه ۾ جسقم جو احتجاج

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) جئي سنڌ قومي محاذ بشير خان قريشي مرڪز پاران ڏنل سڏ تي خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب اڳيان چيف آرگنائيزر قلندر بخش پنهور ڊپٽي آرگنائيزر ذوالفقار ڪوهارو سرفراز پنهور ۽ ٻين ڪارڪنن هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو هنن چيو ته سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



قاضي احمد: ڪلهوڙا برادري جا ماڻهو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

دادو لڳ پراڻي تڪرار تان لغاري ۽ مستوئي برادرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، ڇڪو مڙس قتل

قصبو ٿاٽي جي حد ۾ فائرنگ سبب مستوئي برادري جو ڇڪو مڙس اڪبر مستوئي مارجي ويو

اطلاع تي قصبو ٿاٽي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

قتل واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: وارث

دادو(ع ر) ڪاچي جي قصبو ٿاٽي جي حد ۾ ٽڻ گاج روڊ وٽ لغاري ۽ مستوئي برادرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان فائرنگ جي واقعي ۾ مستوئي برادري جو ڇڪو مڙس اڪبر مستوئي قتل ٿي ويو جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ ڦهلجي ويو جڏهن ته صورتحال ڇڪتاڻ واري ٿي وئي آهي ۽ وڌيڪ خونريزي جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي اطلاعن موجب ٻنهي برادرين وچ ۾ ڪافي عرصي کان پراڻو تڪرار هلندڙ هو جنهن تان ٽڻ گاج روڊ وٽ پيش آيل

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5



ٽالهي: پيل برادري پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سنڌ کي ٽوڙي نوان صوبا ٺاهڻ ۽ ڌارين جي آبادڪاري خلاف ڏڙي ۾ جسقم جو احتجاج

ڏڙو (ن ع) ڏڙو ۾ جسقم (صنعان) پاران سنڌ کي امڪاني طور ٽوڙي نوان صوبا ٺاهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي، ڏڙي ۾ جسقم پاران سنڌ کي امڪاني طور ٽوڙي نوان صوبا ٺاهڻ ڌارين جي آبادڪاري ۽ معدني وسيلن تي قبضي خلاف احتجاج

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ ڏيپر ۽ قمبراڻي برادرين جو پراڻو تڪرار جو نبيرو

تمندار هائوس تي صدا حسين چانڊيو جي سرپرستيءَ ۾ تڪرار جو نبيرو ڪيو ويو

ڌرين پاران فيصلو قبول، آئنده امن ۽ ڀائيچاري سان رهڻ جو وچن

ميهڙ (ن ع) تمندار رئيس صدا حسين چانڊيو جي سرپرستيءَ ۾ تمندار هائوس ميهڙ تي ڏيپر ۽ قمبراڻي برادرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو ڪيو ويو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين فيصلي کي قبول ڪندي تڪرار ختم ڪرڻ ۽ آئنده امن ۽ ڀائيچاري سان رهڻ تي اتفاق ڪيو نبيري ۾ سردار ڪمال خان ڏيپر نياز علي ٻرڙو سينيئر صحافي چيئرمين محمد علي شيخ سينيئر صحافي نعمت مهيسر رياض چانڊيو سردار منظور قمبراڻي سائين علي شير گورڙ مير صدام

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽالهي ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پيل برادري جو احتجاجي مظاهرو

دڪان تي ڇاپي دوران منشيات نه ملڻ باوجود شراب جون ٿيليون رکي نوجوان ڪٺي ويا: مظاهرين

پوليس ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ٽالهي (ن ع) ٽالهي ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پيل برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ڳوٺ ڇتون پيل لڳ واڪل جو گهيڙ جي رهواسين پٽيل ڇتون پيل جي اڳواڻي ۾ پيل برادري جي ماڻهن راجاجسونت، پٽ ڇتون پيل دليت، پٽ ڇتون پيل، قيمت پيل انب پيل، ڇنو ڪولهي، شگن ڪولهي، ڊيوجي ڪولهي، بجل ٺڪرڻيءَ ۽ ٻين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري الزام هڻندي چيو ته

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پريا روڊ ۾ پرياسي بدامني خلاف مختلف تنظيمن پاران شٽربند هڙتال، احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين خالد محمود آرائين، احمد آرائين، حمزه آرائين ، بشير احمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پريارود جي ڪاروبار کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي سڄو شهر بدامني جي لپيٽ ۾ آهي: مظاهرين

ڦورن خلاف ڪارروائي تائين ڦر ٿيل ڪيش رقم موبائيلن جي واپسي تائين تحريڪ جاري رهندي

پرياسي (ن ع) پريارود بدامني خلاف شٽر بند هڙتال ڪاٺن کي ٻاهيون سخت احتجاج پنج ڪلاڪ بعد ڌرڻو ختم . پريارود مين فاروق اعظم چوڪ تي بدامني خلاف مختلف تنظيمن جادوڪاندار شهري روڊن تي نڪري آيا . پريارود شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪري مين فاروق اعظم چوڪ تي پنج ڪلاڪ تائين ڌرڻو هڻي ڪاٺن کي باهيون ڏنيون ويون . ڌرڻي سبب اينڊز ويندڙ ٽريفڪ ڪيترن ڪلاڪن تائين معطل ٿي وئي. پريارود ڌرڻي جي اڳواڻي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



سانجهند: شاهه اويس ڪئنال جا آبادگار احتجاجي مظاهرو ڪندي

سنڌ ۾ ڪمند تيار ٿي چڪو آهي پر پيڙهائي شروع ناهي ٿي سگهي آهي: آبادگار بورڊ

ڪمند جي پيڙهائي 15 کان 20 نومبر اندر شروع ڪرائي وڃي، ڪٽڪ جو امدادي اگهه به مقرر ڪيو وڃي

هي واحد فصل آهي جنهن کي نه رڳو شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ 1950ع هيٺ تحفظ مليل آهي پر ارڙهين ترميم ڪان اڳ پڻ اهو معاملو صوبن حوالي هو

ڪمند جي پيڙهائي وقت سر نه ٿيڻ سبب نه رڳو آبادگار پر ان معيشت سان لاڳاپيل ٽرانسپورٽرن ۽ پورهيتن سميت مختلف ماڻهو پڻ متاثر ٿي رهيا آهن

حيدرآباد (رپورٽ اعجاز لغاري)سنڌ آبادگار بورڊ ڪمند جو مناسب اگهه مقرر نه ٿيڻ ۽ وقت تي شگرملون نه هلڻ جي صورت ۾ ڪمند نه پوکڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر سيد نواز شاهه ، ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي جنرل سيڪريٽري، سيد نديم شاهه اسلم مري، عمران بوزدان طهه ميمڻ ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس چيو آهي ته هن وقت سنڌ جو هڪ اهم فصل ڪمند مڪمل طور تي تيار ٿي چڪو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5



ملي: باريجا پاڻرن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ملي جا صحافي احتجاج ڪندي

گهوٽڪي ايم فائيو موٽروي تي مزدا ڪلٽي، سوات واسي 2 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي پرسان سرحد وٽ ايم فائيو موٽروي تي لوڪيشن نمبر 455 وٽ مزدا جو ڪائر برسٽ ٿيڻ سبب گاڏي ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا حادثي ۾ مزدا جا ڊرائيور شير عالم ۽ عديل احمد زخمي ٿي پيا، جن کي فوري طور تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو مزدا سکر کان سوات ڪيلا کڻي وڃي رهي هئي ته اوچتو ڪائر برسٽ ٿيڻ سبب حادثو پيش آيو پوليس موجب زخمين جو تعلق سوات سان آهي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ نوجوان هٿيار صاف ڪندي گولي لڳڻ سبب فوت

درس واسي 20 ورهين جي سهيل ابڙو اتفاقي گولي چڙهڻ سبب فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

مورو (ن ع) مورو پرسان درس ۾ مبينا گولي لڳڻ سبب نوجوان فوت مورو پرسان درس پوليس ٿاڻي جي حد ۾ درس شهر ۾ نوجوان20 سالا سهيل ابڙو ولد پڻاڻ ابڙو گهر ۾ پستول صاف ڪندي اتفاقي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو آهي والد پڻاڻ ابڙو چيو آهي ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

صحافي مختيار علي وڪو جي چاچي جي لاڏاڻي تي تعزيتي سلسلو هلندڙ

ڳوٺ چار وڪو ۾ صحافين، وڪيلن، اديبن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن تعزيت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي ميمبر ۽ حيدرآباد جي صحافي مختيارعلي وڪو سان سندس چاچي محمد هارون وڪو جي لاڏاڻي تي حيدرآباد جي ڳوٺ چار وڪو ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي سياسي سماجي ادبي صحافتي حلقن سميت وڪيلن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي حيدرآباد جي صحافي مختيارعلي وڪو سياسي سماجي اڳواڻ محمد امين وڪو روينيو آفيسر محمد صالح وڪو پوليس آفيسر طارق وڪو ايڊووڪيٽ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ ڪوٽڙي جي باريجا صحافي پاڻرن سان ناانصافين خلاف مظاهرو

صحافين ۽ سجاڳ ڌرين ٽئين ڏينهن به نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

سيوهڻ(ن ع) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي سڏ تي صحافين پاران ڪوٽڙي واقعي ۽ باريجا صحافي پاڻرن سان ٿيل ناانصافين خلاف سيوهڻ جي صحافين پاران ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري رکندي ڪالهه نيشنل پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي صدر ذوالفقار سولنگي جنرل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو لڳ 106 سال پراڻي تاريخي اسڪول ۾ ڪمپيوٽر ليب قائم ڪرڻ جو اعلان

ناميارو اديب محمد خان ابڙو ڳوٺ آراضي جي اسڪول ۾ ڪمپيوٽر ليب قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو

جديد دور ۾ معياري تعليم سان گڏ شاگردن کي انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جي ڄاڻ ڏيڻ ضروري آهي: ڳالهيون

سيوهڻ (ن ع) سنڌ جي ناميارو اديب، دانشور ۽ ڪالم نويس محمد خان ابڙو ڳوٺ آراضي جي 106 سال پراڻي تاريخي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول لاءِ ڪمپيوٽر ليب قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته جديد دور ۾ معياري تعليم سان گڏ شاگردن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ڪمپيوٽر جي سهولت سان شاگردن کي جديد تعليمي گهرجن مطابق سکڻ جا بهتر موقعا فراهم ٿي سگهندا هن اسڪول جي بهتري لاءِ ڳوٺاڻن ۽ انتظاميا جي گڏيل سهڪار کي پڻ ضروري قرار ڏيندي ڳالهه هن گڏيل ڏينهن اسڪول جي هيڊ ماسٽر ڪمال الدين خاصخيلي پاران تاريخي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5



دادو: فائرنگ سبب مارجي ويل اڪبر جو لاش اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي

ڪمال ديرو لڳ بزرگ حضرت مير محمد لوڙهائي جو ساليانو عرس مبارڪ شروع

ڪمال ديرو(ن ع)سنڌ جي مشهور صوفي بزرگ حضرت مير محمد لوڙهائي جو ٻن ڏينهن وارو 30هون ساليانو عرس مبارڪ جون تقريبون ڪمال ديرو پرسان درگاهه لوڙهو شريف ۾ شروع ٿي ويون عرس جي تقريبن جو افتتاح درگاهه لوڙهو شريف جي گادي نشين فقير شهاب الدين لوڙهائي مريدن عقيدتمندن سان گڏجي سائين مير محمد لوڙهائي جي مزار تي چادر چاڙهي ڪيو عرس جون تقريبون ٻه ڏينهن جاري رهنديون. درگاهه تي عرس جي موقعي تي ملڪ جي مختلف هنڌن تان درگاهه جا مريد پهتل آهن درگاهه جي خارجي داخلي رستن کان سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا آهن

ميهڙ جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا، شهري اتحاد جي سڏ تي 56هين ڏينهن به ريلي

پيئڻ جو صاف پاڻي اٽليپ ۽ شهر جون گهٽيون گندگيءَ جي ور چڙهيل آهن: اڳواڻ

اسڪولن ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليج بابت به شڪايتون، تعلقي اسپتال ۾ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ واسين جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ ڪرپشن خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي سياسي سماجي واپاري ، سول سوسائٽي جي اڳواڻن دڪاندارن ۽ شهرين پاران 56 ڏينهن به ٻيلو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب کوسو ،قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ وڪيل مير کوسو جي صدر محبوب کوسو ڪائونسلر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5



ڪيرو: ڏاڇي کي گوليون هڻي مارڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار جوابدار

ڪنڊڪوٽ ۾ اپيڪا ضلعي ڪشمور جو اجلاس، ڪلرڪن جون پروموشنون جلد ڪرڻ جو مطالبو

صوبائي صدر بخش علي چاچڙ ۽ ضلعي صدر جيڪب آباد عمران جکراڻي جي خاص شرڪت

تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ملازمن جي مسئلن لاءِ گڏيل جدوجهد جو عزم

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن (APCA)ضلعي ڪشمور جو ڪامياب اجلاس اڄ ناظر ڪمپليڪس ڪنڊڪوٽ ۾ آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن (APCA)ضلعي ڪشمور جي سمورين باڊيز جي عهديدارن ۽ ميمبرن جو هڪ اهم اجلاس ڪاميابيءَ سان منعقد ٿيو اجلاس جي اڳواڻي ضلعي صدر محترم عبدالوهاب چاچڙ جنرل سيڪريٽري دوست محمد مزاري ۽ انفارميشن سيڪريٽري رينواز چاچڙ ڪئي اجلاس ۾ خاص مهمانن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: مري برادري جي معزز شخصيت غلام محمد دارغو دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

ڪيرو (ن ع) مري برادري جي معزز شخصيت غلام محمد دارغو دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

آبادگارن ٽئين ڏينهن به شاهي بازار کان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي

شاخ ۾ گندگي، غيرقانوني ٽوبون ۽ پاڻي چوري سبب پڇڙيءَ ۾ پاڻي نه نٿو ملي: آبادگار

سانجهند (ن ع) سانجهند ۾ شاهه اويس ڪئنال جي پڇڙي جي آبادگارن جو زرعي پاڻي کوٽ خلاف 3 ڏينهن به شاهي بازار سان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي آبپاشي کاتي جي انتظاميا کي انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو ويو ان موقعي تي آبادگارن يوسف عمراڻي سهيل احمد پلي لياقت ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شاهه اويس ڪئنال تي آبپاشي کاتي جي نااهلي عروج تي پهچي وئي آهي شاخ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪپرو پوليس ڏاڇي کي گوليون هڻندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ڪپرو (ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ پالارو پرسان ڏاڇي کي مبينا طور گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو جنهن واقعي جو ڪيس ڪاهي ٿاڻي تي سرڪاري فرياد تي داخل ڪيو ويو هو پوليس موجب واقعي ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

راج ڪمار واڌواڻي اسان جو پراڻو ساٿي ۽ پٽ وانگر آهي: سيد قائم علي شاهه

ڏياري جو تهوار تي اسان اوهان جي خوشين ۾ برابر جا شريڪ آهيون

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي مينارٽي ونگ سکر جي جنرل سيڪريٽري راج ڪمار واڌواڻي خيرپور جي جيلاني هائوس ۾ اڳوڻي وڏي وزير سنڌ سيد قائم علي شاهه سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۽ ٻين اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي راج ڪمار واڌواڻي سيد قائم علي شاهه کي هندو برادري جي مذهبي تهوار ڏياري بابت آگاهه ڪندي ٻڌايو ته ڏياري ٽن ڏينهن تائين ملهائي ويندي آهي جنهن تي سيد قائم علي شاهه راج ڪمار واڌواڻي سميت سنڌ جي سموري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ 12 ايڪڙ زمين جي تڪرار تان جاکرا برادري جو احتجاج

زمين تي دڪان ۽ ڪئبن خالي ڪرائڻ ٽوڙي ديوار اڏڻ خلاف انتظاميا خلاف نعريبازي

12 ايڪڙ زمين جا قانوني ڪاغذ موجود آهن، عدالتن ۾ ڪيس هلندڙ آهن: مظاهرين

عدالتي فيصلي تائين بي دخل ڪرڻ ۽ تعمير کان پاسو ڪيو وڃي

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي ۾ حدبندين خلاف آپريشن دوران جاکرا برادري جي 12 ايڪڙ زمين تي قائم مختلف دڪانن ۽ ڪئبنن کي خالي ڪرائڻ جي ڪوشش ۽ ساڳئي زمين تي ريٽي لاهي ديوار اڏڻ واري عمل خلاف جاکرا برادري جي نوجوانن الطاف جاکرو جاويد جاکرو سرور جاکرو ۽ گل جاکرو جي اڳواڻي ۾ واٽر سپلائي وٽ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري انتظاميا خلاف سخت احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ نوجوانن جو چوڻ هو ته چاڪيل 12 ايڪڙ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5



سکر: عبدالغني چوهاڻ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

قاضي احمد ۾ ڳوٺاڻن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ سرڪاري ڪوهه واسي ڪلهوڙا برادري جي ماڻهن ممتاز جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

چيئرمين ۽ سندس پاءُ نيڪال واري ڪڏ تي قبضو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد ويجهو ڳوٺ سرڪاري ڪوهه واسي ڪلهوڙا برادري جي ماڻهن سرڪاري گندي پاڻي جي ڪڏي تي مبيناطور قبضي گهرڻ ۽ گهٽين آڏو بيٺل گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي ممتاز ڪلهوڙو حاجن ڪلهوڙو وزير ڪلهوڙو مختيار ڪلهوڙو شير محمد ڪلهوڙي ۽ ٻين ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو ته يوسي پٽ پريل جي چيئرمين ۽ سندس پاءُ اسان جي قديمي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ سماجي تنظيم پاران ڏياري جي موقعي تي نابين ماڻهن ۾ راشن بيگ ۽ لفافا ورهايا ويا

ڪپرو(ن ع) پاڪستان ايسوسيئيشن آف دي بلائنڊ (PAB)ضلعي سانگهڙ پليٽ فارم تان پيپ سنڌ ۽ انسان دوست ٻارڙن جي مشهور ڊاڪٽر سنيل ڪمار جي سهڪار سان ڏياري جي خوشيءَ جي موقعي تي نابين مستحق ماڻهن ۾ راشن بيگ لفافا پڻ ورهايا ويا.ان موقعي تي پيپ ضلعي سانگهڙ جي صدر عباس علي يوسفزئي ۽ جنرل سي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سکر مان نڪتل پوليس ويٽنگ اميدوارن جو پيادل مارچ هنگورجا پهتو

احتجاج ڪندڙ اميدوارن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بنا دير آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

هنگورجا (ن ع) سنڌ پوليس جي ويٽنگ اميدوارن جو احتجاجي پيادل مارچ اميدوار هنگورجا باءِ پاس پهچي ويا. سنڌ پوليس جي SPD01-2024تحت ويٽنگ لسٽ ۾ شامل اميدوارن جا ٻن سالن کان آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب کان سي ايم هائوس ڪراچي تائين احتجاجي پيادل مارچ جاري آهي مارچ اڄ هنگورجا باءِ پاس قومي شاهراهه تي پهچي ويو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



هالا: عورتون ريلوي ڪالوني جي پلاٽ تي مبينا قبضي خلاف احتجاج ڪندي

وڏا ماڇيون ۾ جاگيراڻي ۽ سولنگي برادرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار ڪانپوءِ ڇهين ڏينهن به آپريشن

ايس ايس پي خيرپور جي اڳواڻي ۾ ضلعي جي مختلف پوليس ٿاڻن جي اهلڪارن آپريشن جاري رکيو

مختلف ڳوٺن ۾ ڏوهارين ماڻهن خلاف ٽارگيٽڊ ڪارروائين دوران هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن: ايس ايس پي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)خيرپور جي ايس ايس پي ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي سربراهي ۾ وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد ۾ جاگيراڻي ۽ سولنگي برادرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار ڪانپوءِ ڇهين ڏينهن به سرچنگ ۽ ڪومبنگ آپريشن جاري رهيوايس ايس پي خيرپور جي اڳواڻي ۾ ضلعي جي مختلف پوليس ٿاڻن جي اهلڪارن پاران وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد جي مختلف ڳوٺن ۾ ڏوهارين ماڻهن خلاف ٽارگيٽڊ ڪارروائيون ڪيون ويون پوليس ۽ رينجرز پاران مختلف هنڌن تي سرچ آپريشن دوران گهر گهر تلاشي ورتي وئي، جنهن دوران هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آپريشن دوران

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5



سکر: بجلي چوري خلاف سيپڪو پاران ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڏياري جو ڏڻ ملهايو ويو

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي اسٽوڊنٽس سوسائٽيز سينٽر (SSC)جي اهتمام هيٺ مائنارٽي اسٽوڊنٽس سوسائٽي جي شاگردن ۽ استادن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ ميڊيڪل شاگردن لاءِ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن منعقد

ڊاڪٽر اميدان چنا، ڊاڪٽر مجيب الرحمان پنهور ۽ ٻين شاگردن سان تجربا شيئر ڪيا

گمبٽ (ت.ر) جي آءِ ايم ايس گمبٽ ۾ ميڊيڪل شاگردن لاءِ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن جو انعقاد گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمس ۾ GYMڪلب گمس پاران ڊزاسٽر مئنيجمينٽ آگاهي سيشن جو اهتمام ڪيو ويو ته جيئن ميڊيڪل شاگردن کي زندگي بچائڻ واري

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ ڪوٽڙي جي صحافين خلاف انتقامي ڪارروائين خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافين ڏيوڻ ڪمار کتري، پير بخش راڄڙ، سيد نور بخاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

صحافين سان ٿيڻ آيل سمورن واقعن جا ڪيس داخل ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪيرو (ن ع) ڪوٽڙي ۾ باريجو صحافي پاڻرن سان انتقامي ڪاروائين واري عمل خلاف صحافين خلاف پريس ڪلب ڪيرو جي صحافين ڏيوڻ ڪمار کتري، پير بخش راڄڙ، سيد نور بخاري، ملڪ عادل خان، سيد نور بخاري، راجا رشيد ڪنبر ۽ عزيز هاليپوٽو سميت صحافين اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي شهيد چوڪ ڪيرو تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين چيو ته صحافين کي مبينا طور انتقامي ڪاروائين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ مبينا سيال ۽ شيخ برادري ۾ تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ پيرسن مارجي ويو

هٿيارٻند شيخ محلا ۾ فائرنگ ڪري پاهٺ ورهين جي حاجي شيخ پٽ محراب شيخ کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪجهه سالن کان تڪرار دوران سيال برادريءَ جي هٿياربند 4 ماڻهو قتل ڪيا آهن، انصاف ڪيو وڃي: وارث

راڌڻ (رپورٽ: قربان علي گلال) راڌڻ جي شيخ محلا ۾ رات دير سان نامعلوم هٿيارٻند گهر ۾ گهڙي پاهٺ ورهين جي حاجي شيخ پٽ محراب شيخ کي ڪلاشن جا برسٽ هڻي قتل ڪري ڇڏيو علائقي ۾ خوف جي لهر خبر موجب راڌڻ جي شيخ محلا ۾ رات دير سان نامعلوم هٿيارٻندن گهر ۾ گهڙي پاهٺ ورهين جي حاجي شيخ ولد محراب شيخ کي ڪلاشن جا برسٽ هڻي قتل ڪري ڇڏيو واقعي بعد علائقي واسين پاران اڳوڻا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5



ڪيرو: صحافين خلاف مبينا انتقامي ڪاروائين تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏيندڙ پيرسن کي ريسڪيو ٽيم بروقت ڪارروائي ڪري بچائي ورتو

سکر (بيورو رپورٽ) لينس ڊائون پل تان سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏيندڙ 55 سالن جي شخص کي پاڪستان نيوي جي ريسڪيو ٽيم بروقت ڪارروائي ڪندي زنده بچايو اهو واقعو 7 نومبر تي صبح جو 11:50 تي پيش آيو جي هڪ شخص لينس ڊائون پل تان سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏنو اطلاع ملڻ تي پاڪستان نيوي جي ريسڪيو ٽيم سکر

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.